# پراٹو پارکر



books.sindhsalamat.com

منگھارام اوجھا

# پراڻو پارڪر

منگھارام اوجھا

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | ١٩٦٦ع | تعداد هڪ هزار |
| ڇاپو ٻيو | ١٩٧٥ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٽيون | ١٩٨٨ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو چوٿون | ١٩٩٨ع | تعداد ٻه هزار |

سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

**قيمت: پنجاهه رپيا**

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

هيءَ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران اعزازي سيڪريٽري مسٽر غلام رباني آگري ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ مسٽر سڪندر علي شاهه بورڊ جي پريس مئنيجر ڇاپيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انتساب

هيءُ ڪتاب سنڌيءَ جي سپوت، مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب المولي“ مرحوم جي نالي منسوب ڪريان ٿو. سندس حياتيءَ جو هڪ مقصد سنڌي علم ۽ ادب کي مالامال ڪرڻ ۽ ان جي شيوا ڪرڻ هو.

—منگهارام اوجها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏِٿ ڏرِي، پٽ پيون، ٻاسي ٻارڪر،
وڃون وسڻ آئيون، ڪوڏان ڪٽي ڪر،
ميني پيريا سر، ٻلر جي ٻالوٽ مين.
-شاهه

پيٽرول لڌو آهي. تہ ڌن ۽ دولت جا درياءَ پيا وهن. اڻ ڏٺيون چڙيون ٿيون وڃن. ريگستان جي خيمن ۾ رهڻ وارا بدو سگورا، لنڊن ۾ عيش عشرت لاءِ محلاتون پيا خريد ڪن.

سنڌ ۾ بہ بدين پاسي پيٽرول لڌو آهي. پارڪر ۽ ٿر جي پاسي اڃا ڪونہ لڌو آهي. البت، اتي ڪوئلي جا وڏا ذخيرا مليا آهن، ۽ چون ٿا تہ اهو اعليٰ درجي جو ڪوئلو آهي. ڪي ڌاتو بہ مليا آهن. سو، جيڪڏهن جديد سائنسي علمن جي روشنيءَ ۾ پارڪر ۽ ٿر تي تحقيق ٿيندي، تہ اهڙا قدرتي ذريعا دريافت ٿيندا، جيڪي هن خطي کي ڏاڍو زرخيز ثابت ڪندا ۽ پارڪر جي تاريخ نئين سر لکبي.

پر، منگهارام ”اوجها“ جي هن ڪتاب جي اهميت پوءِ بہ ساڳي رهندي. نہ رڳو ايترو، پر جيسين پارڪر ۾ اهڙي خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ وارو ڪو دور اچي، تيسين اتان جي موجوده رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ اڳوڻيءَ تاريخ ۽ سڀيتا جا اهڙا پاسا ۽ پڙلاءُ جاچڻ ۽ قلمبند ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪي استاد منگهارام اوجها کان رهجي ويا هئا.

سنڌي ادبي بورڊ
١٩-٤-١٩٩٨ع

غلام رباني آگرو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ديباچو

ڪوچ ڪري ويا، سيئي هن سنسار مون،
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنڌ ڪيا،
گياني ڏياني گرهستي، "سامي" پنڌ پيا،
سيئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ ڪي.

- سامي

ٿر جي باري بيابان ۽ اوکن پهاڙن ۾ ڪيئن ٻهڪندڙ ٻوٽا ۽ رنگبرنگي گل هئا، جن جي سرهاڻ چمن کي چمڪايو ٿي، جن جي مهڪار هندين ماڳين پکڙجي ٿي ويئي، ۽ جن جي سڳند ڏبيل دماغ کي معطر ٿي ڪيو. انهن جي ڏوپ-واس لاءِ ڪير ٿو اٽانگا ٽڪر ٽاڪي ۽ آنهن پشين جي پرک ڪري! ڪنهن به ملڪ کي پنهنجي تاريخ نه آهي، ۽ وڏڙن جا وٽندڙ ٻول ۽ سگهڙن جا سهٽا سخن لکيت ۾ نه آهن، ته اهو ملڪ ۽ قوم سدائين لاءِ مرده آهي. هڪ انگريز شاعر چيو آهي:

Lives of great men all remind us,
We Can make our lives sublime,
And departing leave behind us,
Foot-prints on the sands of time.

[مهاپرشن جا جيون اسان کي يادگيري ٿا ڏيارين ته اسين پنهنجي حياتي شاندار بڻايون، ۽ جڏهن هن دنيا سان لڏي وڃون، تڏهن وقت جي واريءَ تي پنهنجا نشان ڇڏي وڃون.]

پارڪر صدين کان وٺي تاريخ جو اهم ڀاڱو ٿي پئي رهيو آهي. مون کي ڪن سالن کان وٺي پارڪر جي قديم روايتن سان دلچسپي پئي رهي، تنهنڪري مون پنهنجي بدلي سال ١٩٥٤ع ۾ پنهنجي ڳوٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن سمي، پارڪر جو پرڳڻو جڏهن پاڻيءَ هيٺ هو، تڏهن جتي اڄ بستي آهي، اُتي پيانڪ سمنڊ پيو ڇوليون هڻندو هو. هڪ ڏينهن پاراسر رشيءَ ڌيان ڪيو ته ڪو اهڙو پويتر آستان ڳولجي، جتي پنهنجو تپ سڦل ڪري سگهجي؛ ڇو ته ايڪانت ۾ انسان جو من هڪ ٽڪاڻي بيهي ٿو. پاراسر رشي، هڪ مها تيجسوي تپسوي ۽ تمام پهتل شخص هو. ڪيس ڌيان ۾ ڪارونجهر جبل ڌيان ۾ آيو، تنهنڪري پنهنجيءَ تپسيا يا بندگي جو پڪو پرڻ ڪري، ڪارونجهر جبل ۾، هاٿوڪي ساڙدري کان ڪجهه مٿيرو هڪڙو هنڌ پسند ڪري، اُتي پنهنجي اکنڊ تپسيا شروع ڪيائين. پيرجي هر هڪ آڱر تي بيهي، هڪ-هڪ هزار سال تپسيا ڪيائين. هرهڪ آڱر جا نشان اڄ ڏينهن تائين جبل تي ڏسڻ ۾ اچن ٿا. تپسيا جي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾، پاراسر رشيءَ جي استريءَ، پوپٽ جي ڳچيءَ ۾ لٽڪائي ڏانهنس هڪڙو ڪاغذ ڏياري موڪليو، جنهن ۾ ڪيس موٽي اچڻ جي وينتي ڪئي هئائين. پاراسر پنهنجي جسم جو پگهر لاهي، ڪاغذ ۾ ويڙهي، پوپٽ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي موڪليو. پوپٽ جڏهن وچ سمنڊ تي پهتو، تڏهن هڪڙي باز ڇهڙپ هڻي، پوپٽ کي ڪيرائي ڇڏيو، ۽ اهو پگهر وڃي سمنڊ ۾ هڪڙي مڇيءَ جي پيٽ ۾ پيو، جنهن مان هڪڙي سندر ڪنيا پيدا ٿي. سمنڊ جي نزديڪ رهندڙ مهاڻن اُن سندر ڪنيا کي پالي وڏو ڪيو، ۽ سندس نالو رکيائون "مڇندرا"، يعني مڇيءَ مان پيدا ٿيل. مڇندرا جڏهن وڏي ٿي، تڏهن ان جو سندر روپ سورج کان وڌيڪ تيج ۽ تاب ڏيکارڻ لڳو. هيءَ من موهيندڙ اپسرا جڏهن چانڊوڪيءَ سان چلڪندڙ پاڻيءَ ۾ اڪيلي واهڻ هلائيندي هئي، تڏهن سندس جوڀن ۽ جمال کان چنڊ جو جوهر به جهڪو ٿي پوندو هو. مڇندرا جڏهن پنهنجي وهيءَ جا سورهن سال پورا ڪيا، تڏهن پاراسر رشيءَ، پنهنجي تپسيا پوري ڪري،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قدرتي جوڙجڪ

ننگرپارڪر شهر جي پسگردائيءَ واري، چوويهن ميلن جي پٽ کي ”پارڪر“ ۽ ڪنڌي وارو ڀاڱو ڪري چوندا آهن، جنهن ۾ ننڍيون ٽڪريون آهن، ۽ ٻئي حصي کي ”ٿر“ وارو ڀاڱو ڪري چوندا آهن، جتي واريءَ جون ڀٽون آهن.

## آبهوا

سڄي تعلقي جي آبهوا سياري ۾ سرد ۽ اونهاري ۾ گرم رهي ٿي. ڀيٽ واتگر، ٽڪريون به سياري ۾ ٺرن، اونهاري ۾ گرم رهن ٿيون.

## ڪارونجهر جبل

هيءَ جبل، ننگرپارڪر شهر جي چوڌير،گولائي قطار جي صورت ۾، ڏکڻ ۽ الهندي پاسي، اٽڪل سورهن ميلن ۾ پکڙيل آهي. ان جي اوچي چوٽي زمين جي سطح کان هڪ هزار فوٽ مٿي آهي، جتي تروٽ صاحب جو ٿلهو ٺهيل آهي، جنهن کي ”صاحب چڱو“ ڪري چوندا آهن، هن جبل ۾ ڪيترائي قديم آستان ٺهيل آهن، جي ڏسڻ وٽان آهن. منجهس ڪيترائي پانڊون جي نالن جا نشان آهن. چون ٿا ته ڪوروَن جڏهن پانڊون کي ١٣ سال ديس نيڪالي ڏني هئي، تڏهن پنج ئي پانڊو ڪجهه وقت ڪارونجهر جبل ۾ اچي رهيا هئا. اڄ تائين ڪن نشانن کي ڀيم گوڏ، ڀيم گاڏو، ڀيم تلاءُ، ارجڻ ٻاڻ، وغيره ڪري ڪوٺيندا آهن. ڪارونجهر جبل جو پٿر عمارتن ٺاهڻ لاءِ ڪم ايندو آهي. جبل مان گگر، ماکي، مختلف ٻوٽيون، ڪاٺيون وغيره، مزور ماڻهو جام آڻي وڪرو ڪندا آهن. تنهنڪري عام چوڻي آهي ته ”ڪارونجهر ۾ روزانو سوا سير سون پيدا ٿئي ٿو“- يعني هن جبل جي ايتري پيدائش آهي، جنهن جي قيمت روزانو سوا سير سون جي برابر آهي. هن جبل ۾ قسمين ٻوٽيون پيدا ٿين ٿيون، جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تلاءُ آهي، جنهن جي چوگرد پڪي پت چڙهيل آهي، سنگها تلاءُ، جو ويرا واهه جي پرسان آهي، سو ويرا واهه جي سوڍن کي جاگير طور مليل آهي. منجهس سال بسال ڪٽڪ جي پيدائش جام ٿئي ٿي.

## نڪريون

پارڪر ۾ ننڍيون ننڍيون نڪريون تمام گهڻيون آهن- جهڙوڪ ڏونگري جي نڪري، ڏيٿي نڪري، راڻپور جي نڪري ۽ چوڙيئي جي نڪري، وغيره.

## آستان

ڪارونجهر جبل ۾ هندن جا هيٺيان آستان ڏسڻ وٽان آهن:

**(ا) ساڙ درو:** پاراسر رشيءَ جي سراپ، يا ڌرتيءَ جي زلزلي يا راءِ نوگهڻ جي سنڌ تي ڪاهه وقت وروڙيءَ جو چوسڻ- انهن ٽنهي روايتن مان اتهاس ڌرتيءَ جي زلزلي کي اهميت تو ڏئي، ڇاڪاڻ ته ڌرتيءَ جو زلزلو پارڪر ۾ ضرور آيو هو، جنهن پاري ننگر جهڙيءَ وسندڙ آباديءَ کي برباد ڪيو. بهرحال، سمنڊ سڪي ويو، ۽ پوءِ آتي ڪن سالن کان آهستي آهستي بستي ٿيڻ لڳي.

ساڙدري لاءِ هڪڙي جهوني ڳالهه مشهور آهي. هڪڙو هرڻ ۽ هرڻي، جبل ۾ پيا ڦرندا هئا. ڏينهن جو پاسي وارين ٻنين ۾ گهمي، رات جو جبل ۾ اچي رهندا هئا. هڪڙي رات جو جيئن هرڻ ۽ هرڻي، ڇلانگون ڏيندا، جبل تي پئي چڙهيا، ته هرڻ اوچتو هڪڙي پاڻيءَ سان ڀريل ڪُن ۾ وڃي ڪريو، ۽ مري ويو. هرڻي جيئن ڇلانگ ڏنو، ته آها وڃي ڪُن جي پاسي ۾ بيٺل ”فدام“ جي هڪڙي وڻ ۾ اٽڪي، آهستي آهستي هرڻيءَ جا سمورا هڏا، سڙي ۽ ڳري، اُن ڪُن ۾ پوندا رهيا، ۽ پاڻيءَ ۾ حل ٿي ويا. هندن جي شاسترن مطابق اُن پاڻيءَ ۾ ڪا اهڙي غئبي طاقت هئي، جو هرڻيءَ جا هڏا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُڪت ٿي ويا، ۽ رڳو سسي وڻ ۾ اٽڪيل رهي • ڪَن ۾ هرڻيءَ جي ڪِرڻ سبب، آن ڪَن (ڪُنڊ) جو نالو ”مرگهي - ڪنڊ“ پيو•

هندن جي شاسترن موجب جيڪڏهن ڪو ٽيو اوتار وٺي ٿو، سو ان هرڻيءَ پاڻ جي هڪ زبردست سيٺ جي گهر نياڻيءَ جو جنم ورتو• آن نياڻيءَ کي جنم کان مٿي جو سور هو• ڪيئن ڊاڪٽر، طبيب، ويد ۽ حڪيم علاج لاءِ گهرايا ويا، پر ڪنهن جي ڦڪيءَ فرق نه ڪيو• تان جو ان ڪنيا کي پرڻائي چڏيائون، پر سندس مٿي مان سور اڃا نه ويو•

هڪڙي ڏينهن پارڪر مان ڪي واپاري آئن تي مگ کڻي پاڻ ۾ وکڻڻ آيا، جڏهن آهي مگ سيٺياڻيءَ جي گهر آيا، تڏهن هن هڪدم چئي ڏنو ته هي مگ ”پيڙيا“ واريءَ ٻنيءَ جا آهن! (پيڙيا ٻني پارڪر ۾ آهي•) گهر جا ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا ته هن استريءَ مگ ڪيئن سڃاتا!

پوءِ هڪڙي ڏينهن، هڪڙو برهمڻ آتي آيو، تنهن انهن کي ٻڌايو ته هيءَ استري اڳي هرڻي هئي، ۽ سندس سسي ڪارونجهر جبل ۾، ڪنڊ جي پاسي ۾، ”قدام“ جي هڪڙي وڻ تي اٽڪيل آهي؛ ڪو ماڻهو وڃي آن سسيءَ کي اتان لاهي ڪنڊ ۾ وجهندو ته هيءَ مائي چڱي ڀلي ٿي پوندي، سيٺ جا ماڻهو ڪارونجهر جبل ۾ اچي ڏسن ته برابر قدام جي وڻ تي هرڻيءَ جي سسي اٽڪيل آهي! ماڻهن وڃي سڀ سماچار سيٺ کي سڻايا• سيٺ ۽ سيٺياڻي پاڻ ڪان روانا ٿي پارڪر آيا، ۽ وڻ مان هرڻيءَ جي سسي لاهي ڪنڊ ۾ وڌائون، ته مائيءَ جي مٿي مان سور هڪدم غائب ٿي ويو•

سيٺ انهيءَ واقعي جي يادگيريءَ کي قائم رکڻ لاءِ مرگهي - ڪنڊ جي پاسي ۾ ٻه ڏيهرا ٺهرايا، جيڪي اڄ ڏينهن تائين قائم بيٺا آهن• آنهن ڏيهرن ۾ قديم شِو ۽ پارپتيءَ جون مورتيون به موجود آهن• خود سيٺياڻيءَ جي چوڻ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکي سوهي ڪوئل ڪُکهه پوپٽ،
ڪنگ سان مور ڪلور ڪري،
ڳج سار سُچاتڪ ڪاگ ڪؤنا،
چتر سمڙي گرج جهڙي:
جهرڙات پکن وچ پيرو جهيڪٽ،
ڳوڻر ڳاجي آواز گهٽو،
ساڙدري شيوَ رات روِ،
آئي ورڻ ادار گهٽو.
جهانجهر جهڻ ڻ ڻ ڪري جهالر،
ويٽا منتر ستار وڄي،
در وڄي شان پکا وچ تنبور،
گرهم گري ونراج گرجي:
آرتي سانج سوير او پٽ،
پيٽ پوڄا گلستان گهٽو،
ساڙدري ......

**(٢) الک واوَ (لڪل کوهه):** هيءَ پوڊيسر جي جبل ۾ آهي. راڻو چندن جڏهن ڪوڙهه جي بيماريءَ ۾ مبتلا هو، تڏهن ڪنهن فقير جي ڏس تي ويري گويل نالي سندس ساٿيءَ الک واوَ مان پاڻي آڻي کيس غسل ڪرايو، ته ڪوڙهه جو مرض هڪدم غائب ٿي ويو. چون ٿا ته ڪهڙي به ڪوڙهه جي بيماري هجي، الک واو جي پاڻيءَ ۾ سنان ڪرڻ سان ڇڏي ويندي. پر هيءَ کوهه مشڪل سان ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

**(٣) انچليشور:** ننگر پارڪر جي اتر ۾ الهندي طرف، پوڊيسر جبل وٽ، ننگر پارڪر کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي ٽڪريءَ جي وچ ۾ هڪ آستان آهي، جنهن کي انچليشور مهاديو جو آستان ڪري چئبو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوبهو گهُونءَ جي شڪل ٺهي پيئي آهي، جنهن جي ٽٽڻ سان پاروهي پاڻي پيو وهي. هتي ميلو وغيره ڪونہ لڳندو آهي، پر عام طرح ماڻهو درشن خاطر ويندا آهن.

**(٧) پنراج گڍ:** گئؤ مکيءَ کان ٿورو هيٺ، هڪ قلعو ٺهيل آهي، جو هن وقت ڊٺل حالت ۾ آهي. اهو قلعو پنراج سينڌل، دشمن کان بچاءَ خاطر ٺهرايو هو. پنراج سينڌل گجرات جي صوبي سان وڙهندي سري ويو، جنهن جو بيان اڳتي ايندو.

**(٨) چندن گڍ:** هيءُ قلعو راڻي چندن جو ٺهرايل آهي. پارڪر جي راڻن جڏهن انگريزن سان فساد ڪيو، تڏهن انهن هن قلعي ۾ ويهي انگريزن سان لڙائي ڪئي هئي. سنہ ١٨٥٩ع ۾، انگريزي فوجن، ڪرنل ايونس جي هٿ هيٺ، هن قلعي کي توبن سان آڏائي ڇڏيو.

**(٩) ڀاڻن جو ڀڳسڙو:** قديم ڪاسبو، جو نئين ڪاسبي کان اڌائي ميلن جي مفاصلي تي، ڪاڙوئيءَ جي ويجهو آهي، اُتي هڪ پٿر آهي، جنهن جي هيٺان وڏي سرنگهہ آهي. اها تن پاسن کان بند ۽ هڪ پاسي کان کليل آهي. اڳي پارڪر ۾ تمام گهڻا ڌاڙا لڳندا هئا، ۽ گجرات طرفان وقت بوقت ڪاهون ٿينديون هيون. بي بندوبستيءَ جي وقت هڪدم ڌهل وڄندو هو، تڏهن ڳوٺ جون سموريون زالون اُن پٿر جي سرنگهہ ۾ وڃي لڪنديون هيون. مرد ماڻهو، کليل پاسي هڪ وڏو پٿر ڏيئي، پاڻ وڃي مقابلو ڪندا هئا.

**(١٠) جهرڻو:** جهوني ڪاسبي جي ڀرسان، گامپرو تلاءَ جي پاسي، جبل جي تري ۾ هڪ جهرڻو آهي، جتان ٻُڙ ٻُڙ ڪري پاڻي پيو نڪري، ۽ فوٽ کن مٿي کڄي، هيٺ ريلو ٿيو وهيو وڃي.

**(١١) پونڙرو:** ننگر پارڪر شهر جي اُلهندي طرف، جبل ۾، زمين اندر، هڪڙو پونڙرو (ڀُهرو) ٺهيل آهي، جو هاٿي زبون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ۾ آهي. چون ٿا تہ سوڍا جنهن وقت ننگر ۾ حڪومت ڪندا هئا، تڏهن پنهنجو خزانو ۽ باروت انهيءَ پوئري ۾ ۾ لڪائي رکندا هئا. چون ٿا تہ اهو پوئرو گوڙيءَ جي مندر واري پوئري سان مليل هو. ننگر ۽ گوڙيءَ جي وچ ۾ چوڏهن ڪوهہ مفاصلو آهي. جڏهن انگريز سرڪار، ننگر، ٿڪرن ڪان فتح ڪيو، تڏهن آن پوئري جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪيائون. پر پوئرو اهڙو پيچدار ۽ زير-زبر ٿيل هو، جو آن جو ڪوبہ پتو نہ لڳو ۽ نہ ڇيھہ آيو، تڏهن لاچار کوٽائيءَ جو ڪم بند ڪيو ويو.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيريئي گاروڙيءَ جو ڪارونجھر جبل ۾ نانگ جي ڳولا ڪرڻ

نڪن نه ناڻيم تي، ويھي ڪيا مون وس،
ماڻهه مارينـدم، تن گاروڙين جا گس،
چاشنيون ۽ چش، وڻن نه ويراڳين کي.

گاروڙي به ڪاپڙين جو هڪ قسم آهي. پيريئي جي وارتا ٿر، مارواڙ ۽ ڪچ ۾ عام طرح ڏاڍي آتساھ ۽ اُمنگ سان ٻڌي ويندي آهي. هن ڳالھ جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته ٿر جا ماڻهو جڏهن ٻاڙي تي رات جو اُٺن تي چڙهي ويندا آهن، تڏهن اُتي وات ۾ ساڃي هٿ پاسي جي پيروَ پکي ٻوليندو آهي ته ٻڌ سوڻ سمجهي سڀ اُٺ ٻيهاري ڇڏيندا آهن، جيستائين اُن پکيءَ جو آواز بند نه ٿئي. ڪو سگهڙ هوندو آهي ته هيئن چوڻ شروع ڪندو آهي:

آگيو ٻيتال، ڪاپرو چـور، پيريو گاروڙي،
جـي ڏائـي هـوئـي، تـو جـيٽي آئـي.

مٿين ٽنهي جا نالا وٺي، جيڪڏهن ڏاٿو پکي ڳالهائيندو هجي، ته ساڃي طرف اچي، اعتبار ڪيو ويندو آهي ته ائين چوڻ سان آفت ڪانہ ايندي.

## پيريئي جو جنم

راجا ساليواهن، جنهن جي پويان هندن جو سنبت شروع ٿيو، تنهن جي پوٽي جو نالو ”پٽي“ هو. سندس اولاد، جيسلمير جا ڀاٽي راجپوت آهن. چوڻي آهي ته:

گڍ دهلي، گڍ آگرو، گڍ بيڪانير،
ڀلو چڻايو ڀاٽيئي، گـڍ جيسلمير.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۴۷ع کان اڳ جيسلمير جي پاڻين جو ڪم صرف ڌاڙا هڻڻ هو. اهي ڌاڙيل سڄي ٿرپارڪر تائين اچي ڌاڙا هڻندا هئا. ڳوٺ ڪانئيي، تعلقي چاڇري ۾، پاڻين ڏينهن ڏٺي جو چار دفعا ڌاڙو هنيو هو. پاڻي صرف ننگرپارڪر کان ڪنارو ڪندا هئا، چاڪاڻ ته جيسلمير جي مها راجا جي ڪنيا پڻياڻي، پارڪر جي راڻي چندن ڪي پرڻايل هئي. جيسلمير جي پاڻين جي پنجين پيڙهيءَ تي راجا "پاڻ" راج ڪندو هو. پاڻ جو پيڪو هنڌين ماڳين مشهور هو. پاڻ کي ٻه ڪنور هئا، هڪ سهرو ۽ ٻيو مورو. ننڍي هوندي ئي سهرو موت جي سيجا تي سُتو، تنهنڪري راج ستا ۽ گاديءَ جو موڙ موري کي مليو. موري جي بادشاهيءَ ۾ ڪابه خامي ڪانه هئي. سندس حد ۾ قحط ڪنارو ڪندو هو. پئسي جي پرواهه ڪانه هئي. ايتري هوندي به موري جو من ملول ۽ اندر آداس رهندو هو. مورو هڪ اهڙي مرض ۾ مبتلا هو، جنهن جو اوکو نه ويدن وٽ هو ۽ نه ڦڪي فقيرن وٽ هئي. هن جي دل جي دوا هئي اولاد، جنهنڪري ان کي سدائين لال جي لوري لڳل هوندي هئي. سندس مرڻ بعد خاندانيءَ جي تباهيءَ جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا. حڪومت جو حق هيئن هليو ويي، تنهن ڳڻتيءَ موري کي ڳاهه ۾ ڳاهي ڇڏيو هو. رات ڏينهن ڀڳوان جي بندگي ۽ الله جي عبادت ڪندي به موري جي منوڪامنا سقلتا جي درجي تي ڪانه پهتي. اهڙيءَ طرح، ارمان ۾ آنسو پئي وهايائين، ته اوچتو شهر ۾ اهڙو افواهه اٿيو ته هڪ سچو سنياسي، ڪنقاڙ ڪابڙي، لاهوتي لانگوٽيو، قلعي جي دروازي وٽ دونهي دکايو ويٺو آهي. جڏهن موري کي، هن مجيل مهاتما ۽ پرديسي بزرگ جي پروڙ پيئي، تڏهن امالڪ ان فقير وٽ پهتو. ساميءَ جي پيرن تي سر رکي، درويش اڳيان پنهنجو درد پريو داستان ذري پُرزي ظاهر ڪيائين. ويراڳيءَ راجا کي ورلاپ ڪندو ڏسي، دکايل تي ديا آندي، ۽ پنهنجي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهيني جي مهلت ٿو ڏيان، تون انهن سيني ڳالهين کي ڇڏي ڏي، نه ته توکي سزا ڏيندس!" پيريئي ڳالهه ٻڌي، ساٿين کي سڏي، برهم جون ٻنسريون زور سان وڄايون:

گڏجي گاروڙي ٿيا، جاما پهري تن،
مهيتپ سندا من، مرلين موهي ڇڏيا.

## پيريئي جي ديس نيڪالي

پيريئي کي ائين ٻڌڻ سان ته سوري، راجا جي حيثيت ۾ حڪم ڏنو ته چوويهن ڪلاڪن اندر پيريو جيسلمير جي حد سان نڪري وڃي. پيرئي پنهنجي پيءُ جي حڪم جي ترت تعميل ڪئي، ۽ پنهنجا تمام ساٿي سنيرائي، ڳام جي گوندريءَ، پنهنجي پياري جنم ڀوميءَ کي آخرين الوداع ڪري، منڊلي مچائي، روانو ٿيو. پيريئي جي منڊليءَ جي مُهاڙ سنڌ طرف هئي، آخر ٿورن ڏهاڙن بعد آديسين پنهنجو اوتارو سنڌ جي اُپرنديءَ سرحد تي ڪيو، جتي جوڌپور ۽ سنڌ جون سرحدون گڏجن ٿيون ۽ پچمائي ڏونگر آهي. پچمائي ڏونگر تي پرديسي پنهنجا پڪا تاڻي، گهڻا روز ٽِڪي پيا. هڪ ڏينهن پيريو ٽڪر کي ٽيڪ ڏيو ستو پيو هو، ته پٿر جي اندران آواز آيو. پيريو چرڪ ڀري اٿيو، ۽ اُن آواز کي غور سان ٻڌڻ لڳو. ڏٺائين ته هڪ گروُ پنهنجن چيلن کي "يوگ وديا" جو ابياس ڪرائي رهيو هو. پيريئي آها وديا، آتي ئي ٻاهر ويهي سکڻ شروع ڪئي. جڏهن آخرين امتحان تي گرو پنهنجن چيلن کان سوال پڇڻ لڳو، تڏهن چيلا منجهي ويهي رهيا. پيريو ٻاهران وديا ۾ پڙ ٿيو هو، تنهن ان جا جواب ٻاهر ويٺي ڏنا. گروءَ سوچيو ته منهنجن سوالن جا سچا جواب ائين ڪير ڏيئي رهيو آهي. نيٺ پيريئي جو لڪل ڀيد ظاهر ٿيو، تڏهن گروءَ چيو ته "اي گاروڙي، تون هن وديا ۾ ڪيئن گوءِ کڻي وئين! اهڙو ڪير گروُ آهي، جنهن توکي من-وديا

جي هلائيندو هو ته ڪنوڻ، ڪرار تي، ماروا ڙ ڪان برسات وسائيندي، ٿر ، پارڪر ۽ ڪڇ کي آباد ڪندي، ڇ جي ڏونگر ۾ ، ان نانگ تي ڪڙڪندي هئي. برسات اهڙا ته راڱا ڪندي هئي، جو ڳوٺن جا ڳوٺ برباد ٿي ويندا هئا. ڇ جو سابق مها راجا نانگ - پنچمي ۽ جي ڏينهن ان جي ڀر ۾ کير جون گهاگهرون هارائيندو هو. جڏهن انگريز سرڪار کي اها خبر پيئي، تڏهن نانگ جي ڀر ۾ شيهو پرائي چڙهايائون. تنهن ڪان پوءِ نانگ الائجي ڪيڏانهن گم ٿي ويو! نانگ جي عمر لاءِ چوڻي آهي:

سؤ ورهيه جي سامڙي ، ڪروڙ ورهين جو ڪانگ ،
تن ڪان عمر اگيري ، ٿئي ٿي سيس نانگ .

—

ڳوندر گذاريو ڪاپڙي ، پڌر وڃن نه پاڻ ،
تن آيل آديسين جي ، روئان ڪاڻ رهاڻ ،
هت نه پسجن پاڻ ، ويا ويراڳي نڪري .
(شاهه)

—

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪڇ جو رڻ

ڪيترين روايتن موجب، پارڪر جو سمورو پرڳڻو پاڻيءَ هيٺ هو. جتي اڄ پيانڪ رڻ ڏيکاري ڏيئي رهيو آهي، اُتي اڳي سمنڊ جون ڇوليون لڳنديون هيون. پر پوءِ ڌرتيءَ جي زلزلي سبب پاڻي هٽي ويو، ۽ اهو وڏو وارياسو رڻ بڻجي ويو. سڪندر اعظم جڏهن سنڌ مان لنگهيو ٿي، تڏهن ڪڇ جو رڻ سمنڊ جي صورت ۾ هو. ڪاٺياواڙي ڪنوار "جاسل" ڪي جڏهن سنڌ جي همير سومري ستايو، تڏهن هن پنهنجي ڌرم پياءُ نوگهڻ راءِ کي، جو جهوناڳڙهه جو راجا هو، سنڌ تي چڙهائيءَ لاءِ هيئن لکيو:

سورٺ سٹر تالو پيو، وَ رتڻ آيا وِ ير،
سنڌ ۾ روڪي سومري، هاڻ ڏي نه همير.

راءِ نوگهڻ جڏهن سنڌ تي چڙهائي ڪئي، تڏهن ان جو لشڪر، ڪڇ جي رڻ واري تڏهوڪي سمنڊ جو اٿاهه پاڻي ڏسي بيهي رهيو. سلطان محمود غزنوي جڏهن ١٠٢٤ع ۾، سومنات فتح ڪرڻ لاءِ ويو ٿي، تڏهن ان کي هر ماڻهوءَ اهو ڏپ ٿي ڏنو ته ڪڇ جي سمنڊ جون لهرون تنهنجو لشڪر لوڙهي ڇڏينديون.
ڇهين عيسوي صديءَ ۾ يوناني سياح "پيپلس" آتان لنگهيو هو، جنهن هن سمنڊ جو ذڪر ڪيو آهي. مطلب ته ڪڇ جو رڻ اڳي سمنڊ هو، ۽ اُن جو عظيم الشان بندر پاري ننگر هو، جتي اڄ به لوهه جا ڏڪر ۽ پيا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ڪڇ جي رڻ جي پکيڙ ست هزار چورس ميل آهي. ١٩٤٧ع کان اڳ، ڪڇ جي رڻ مان پارڪر جي گهڻي آمدرفت ٿيندي هئي. ماڻهو گاڏين، اُٺن ۽ گهوڙن تي ويندا هئا. وچ ۾ ٽي-چار ٻيٽ ايندا هئا، اُتي ڏاهو ڪندا هئا. خاص ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاري ننگر- سنڌ جو هڪ شاندار بندر

سنڌڙيءَ جي هن شاندار بندر ۽ قديم بندر جو بنياد عيسوي ٻهرين صديءَ ۾ پيو. پاري ننگر، ننگر پارڪر کان چوڏهن ميلن جي مفاصلي تي، هن وقت ويرا واهه جي پرسان ڊٺل ۽ ويران کنڊرن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. آباديءَ جي لحاظ سان، شروعات ۾ ان جي آدمشماري اٽڪل چاليهه هزار هئي، جنهن مان پنج هزار ٻه سؤ گهر جينن جا، نو سؤ گهر لُهارن جا، ست سؤ گهر راجپوتن جا، تيرهن سؤ گهر لُهاڻن جا ۽ ٻارهن سؤ گهر ٻين جدا جدا ذاتين جا هئا. آدمشماريءَ ۾ ڏسبو ته اوسواڙ قوم جي اڪثريت هئي، جا تمام شاهوڪار هئي. ان ۾ مکيه ذاتيون هيٺيون هيون: ڀانڀي، وورا ۽ گانڌي، گرديرا، تيمان، مدار، ڪُل، ڪنبڙيا، وڏيرا، لالڻ، مهتا، ويگڙ، ڪانٽيا، وغيره. چون ٿا ته سرڳواسي شري موهن لعل ڪرمچند گانڌي (مهاتما گانڌي) جا اڳيان مائٽ پاري ننگر جا رهاڪو هئا.

تنهن وقت موجوده ڪڇ جو رڻ سمنڊ جي صورت ۾ هو، ۽ آن رڻ جو عظيم الشان بندر پاري ننگر هو. ڪڇ جي رڻ مان جهاز سڌا اچي "ڏوتڙ" وٽ لنگر انداز ٿيندا هئا. ڏوتڙ (ٻيٽ تڙ) ويرا واهه کان ٻه ميل آلهندي طرف آهي، جتي اڄ به بندر جي نموني جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پاري ننگر، پوڏيسر جي مسجد ۽ گوڙيءَ جي ڏهرن تي جيڪو چٽساليءَ جو ڪم ٿيل آهي، تنهن تي غور ڪرڻ سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ساڳئي ڪاريگر ويهي اهو گهاٽ گهڙيو آهي. چترڪار اهڙو نفيس نقش چٽيو آهي، جنهن مان پليءَ پٽ پروڙ پئجي سگهي ٿي ته اسان جي هن ڀاڱي ۾ وڏا وڏا چترڪار ۽ فنڪار به موجود هئا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پاري ننگر جي حڪومت

هانسي کان پوءِ مهيپال ـ جيڪو ڏٽي براهم جي ٽئين پٽ مان هو ـــ جي پنجن پٽن راج ڪيو. اهي هيءُ آهن: راجسنگهه، راجيشور، منڊلڪ، ملار ۽ رامچندر. راجيشور پنهنجي نالي تي هڪ تلاءُ پيپور جي پرسان، ۽ ٻيو تلاءُ وڏهلي وٽ ٺهرايا. ان کان پوءِ راجيشور جو پٽ پوچسنگهه تخت تي ويٺو. هن جي مرڻ بعد ان جو ڀاءُ تخت تي ويٺو، جنهن کان پوءِ پرمار مالا جو پٽ آڏيسنگهه تخت تي ويٺو. ان کان پوءِ سامداس، پوءِ قتل، پوءِ گووندراءَ جو پٽ پيم، ۽ پوءِ پيم جو پٽ ڪنگهار، پوءِ ڪنگهار جو ڀاءُ ڏيپر، پوءِ ڪنگهار جو پٽ چوڙو، ۽ پوءِ ڏيپي جو پٽ هريم تخت تي ويٺو. هن جي وقت ۾ ١٢٢٦ع ڌاري دهليءَ جي شهنشاهه طرفان لشڪر آيو، جنهن پاري ننگر ناس ڪيو. ان کان پوءِ ملڪ ۾ بي بندوبستي ٿي پيئي، ۽ هيءُ ملڪ ڪجهه وقت دهليءَ جي بادشاهن کي ۽ ڪجهه وقت سنڌ جي بادشاهن کي خراج ڀريندو رهيو. پر وري به ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ زور پرمارن جو رهيو، جن کان جلد ئي امرڪوٽ جي سوڍن اچي ملڪ تي قبضو ڪيو. پارڪر مان پرمارن جو هڪ ٿورو ڪاٺياواڙ ويو، جتي انهن پنهنجي اسٽيٽ ٺاهي، جنهن کي ”مرلي اسٽيٽ“ چئبو آهي.

(تاريخ ريگستان)

## پارڪر جي پرمارن ڪيئن تتر پڪيءَ واسطي جنگ ڪئي

جڏهن پارڪر جا پرمار لڏي گجرات ڏانهن ويا، تڏهن چوڙا ذات جي ٻن هزارن پرمارن، پنهنجي سردار ”موجوءَ“ سان گڏجي، اچي گجرات وسائي. هڪ ڏينهن چوڙا ذات جو ڪو راجپوت شڪار تي ويو. تنهن هڪ تتر پکيءَ کي گهايل ڪيو، جيڪو اڏامي اچي پرمار راجپوتن جي اوتاري ۾ ڪريو. چاوڙي راجپوت پرمارن کان آن تتر جي گهر ڪئي، پر موجيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿلايو پٿلايو، پر سڏونت ڪي سار ڪانه ٿي. نيٺ، وقت پرچي آيو، ۽ سارنگا پنهنجي محبوب جي هٿ تي هيئين ڳاهه لکي، ڇيچ سان گڏ رواني ٿي ويئي:

”پاري ننگر ڪان پڌاري، ڪرجو پڳونا ويس،
جنهن گهر ناريل رونڪڙو، تنهن گهر ڪرجو آليڪ“.

صبح جو جڏهن سڏونت ڪي جاڳ ٿي، تڏهن گهڻو ئي ارمان ٿيس. پوءِ پنهنجن هٿن تي سارنگا سان ملڻ جو ڏس پتو لکيل ڏسي، جوڳياڻو ويس ڪري، گهوڙي تي چڙهي اٿي هليو.

تن پر تو پسم لڳا، هٿ ۾ ليئا ڪير،
سارنگا تيري ڪارڻي، ڪريو ويس فقير.

ڏند ڪٿائن مان ڏس ملي ٿو ته پاري ننگر جي پدمڻي، اڄين ڏانهن آسهندي، پارڪر جي ايندڙن ويندڙن کي سڏونت جون نشانيون ڏيندي ويئي. هڪ جاءِ تان لنگهندي، هڪڙو ريپاري سينهن ڏهي رهيو هو. جيئن ئي سارنگا جو حسين چهرو ڏٺائين، تيئن ويچاري جون اکيون سارنگا ڏانهن ڦاٽي ويئون. سارنگا ان کي ڏسي چيو:

”پاراٺي را رائيڪا، تارو ڏوڌ ڊوراٺو جاءِ،
سڏونت آئي ايم ڪهي، سارنگا روتي جاءِ“.

[اي پارڪر جا ريپاري، تون اکيون ڦاڙي نه نهار،
ڏس ته تنهنجو کير هارجي رهيو آهي! مهرباني ڪري،
سڏونت اچي ته چئجانءِ، سارنگا روئندي پيئي وڃي.]

سارنگا جي ڇيچ نيٺ وڃي هڪڙي پير جي وڏي وڻ هيٺ ڊاپو ڪيو. سڏونت جو پنيان پئي آيو، سو وڃهه ڏسي اَن وڻ تي چڙهي لڪي ويهي رهيو. اڌ رات جو سڏونت جي اکين مان هڪڙو لڙڪ ڪري، اچي سارنگا جي ڳل تي پيو، تڏهن سارنگا چوڻ لڳي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) سامبو، (٤) ابينيدن، (٥) سمتي، (٦) پدم پر ڀا، (٧) سپترشو، (٨) چندر پر ڀا، (٩) پشپ دلت، (١٠) سيتل، (١١) شري انشانات، (١٢) واسو پوڄيه، (١٣) وملي، (١٤) اننت، (١٥) ڌرم، (١٦) شانتي، (١٧) ڪنٿو، (١٨) ارا، (١٩) ملي، (٢٠) منني سورت، (٢١) نيمي، (٢٢) نيمي، (٢٣) پارسو ناٿ، ۽ (٢٤) ورڌمان، جو 'مهاوير' جي نالي سان مشهور ٿيو. مهاوير، گوتم ٻڌ جي زماني ۾ ٿي گذريو آهي، ۽ سندس ديهانت عيسوي سن کان ٥٣٦ ورهيه اڳ ٿيو. هو جين ڌرم جو باني هو — جيتوڻيڪ جين ڌرم وارن جو چوڻ آهي ته سندن ڌرم ان کان به ڪي صديون آڳاٽو آهي.

جين ڌرم جي مٿين چوويهن ڌرم - نيتائن مان يارهين نمبر، شري "انشانات" جو جنم سنڌ ۾ ٿيو. سندس پيءُ جو نالو وشڻ، ۽ ماءُ جو نالو وشني هو. انشانات ساريءَ سنڌ ۽ هند ۾ جين ڌرم جو زبردست پرچار ۽ ڦهلاءُ ڪيو. ڪيس پنهنجي زماني ۾ اهوئي پد حاصل هو، جيڪو مهاوير کي سندس سمي ۾ حاصل هو. انشانات عيسوي سن کان اٽڪل پندرهن سؤ سال اڳ جو آهي. جيئن موهن جي دڙي جو سمو پورو ٿيو، جين ڌرم جي شروعات ٿي. اڄ ڪيس ساڍا ٽي هزار ورهيه گذري چڪا آهن. سندس رهڻيءَ ڪرڻيءَ سنڌ تي ضرور اثر ڪيو هوندو. سندس ديهانت اولهه بنگال ۾ ٿيو.

## ڪاجلاسر تلاءُ

پاري نگر جي سيٺين، تمام گهڻي خرچ سان، هڪڙو وڏو تلاءُ ٺهرايو هو، جنهن جو نالو "ڪاجلاسر" تلاءُ هو. پاري نگر جون پدمڻيون صبح جو سوير اچي آن تلاءُ ۾ منهن ڌوئينديون هيون. آنهن سر گهر - نيڻين جي اکين ۾ ايترو ته ڪجل هوندو هو، جو سموري تلاءُ ۾ ڪجل جا ڪارا ڪارا ليڪا ٿي پوندا هئا ۽ سارو سرو ڪجل جي سهڻيءَ ريک سان رڱجي ويندو هو. جيني استرين ۾ ڪجل وجهڻ جو خاص

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ جو مگڻو هڪ لوهار جي حسين ڌيءَ سان ڪرايو. پاري نگر ۾ ان وقت لوهارن جي اڪثريت هئي، ۽ منجهس نَوُ سوَ گهر رهندا هئا، جي شاهوڪار هئا. لوهار ڇوڪريءَ، پنهنجي ذات جو وَرُ قبولڻ ڪان انڪار ڪيو، پر قوم وارن ڪيس زوريءَ پرڻائڻ تي گهريو. تنهنڪري ڇوڪريءَ پاراتو ڏنو ته ”اوهين ڪڏهن به سُک سان ويهي نه سگهندؤ!“ ڇوڪريءَ جو پاراتو پورو ٿيو، ۽ لوهار سدائين پٽڪندا وتن. آخر، ٽڪرن جي ستائڻ تي، لوهار لڏي اچي گهوٽياري وٽ رهيا. ٻيءَ ڏند ڪٿا موجب، هن شهر ۾ هڪڙو درويش فقير رهندو هو، تنهن هڪڙي ڏينهن ڪنهن مقرر طلب جي خيرات لاءِ صدا هنئي، پر ڪنهن به سندس گهُر پوري ڪانه ڪئي. تڏهن هن بي اختيار چئي ڏنو ته ”سڀاڻي پاري نگر ناس ٿيندو!“ فقير جو عرض اگهاڻو، ۽ ٻئي ڏينهن سارو شهر غرق ٿي ويو.

بهرحال قدرت جا ڪم نرالا آهن، ڪڏهن پاري نگر هڪڙو آباد ۽ عاليشان بندر هو، ۽ اڄ اهو سارو پڙيانگ ۽ ويران ٿي چڪو آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽر ٻيٺل هو، جنهن هيٺ هڪ هزار ڏيڍون سولائيءَ سان
ويهي سگهنديون هيون. تلاءَ ۾ هڪڙي خامي هئي، جو برسات
جي موسم ۾ پاڻي سمورو ٻاهر هليو ويندو هو. جوتشين صلاح
ڏني ته پوڏو راڻو جيڪڏهن پنهنجي ڪا پياري شيءِ قربان
ڪندو ته تلاءَ مان پاڻيءَ جي ڦڙي به ٻاهر ڪانه ويندي.
راڻي پوڏي، پرجا جي فائدي خاطر، وزير سان صلاح ڪري،
تلاءَ جي ڪناري تي پنهنجي ننڍڙي نورنظر، ’نارڻسنگهه‘
کي ٻلي چاڙهيو. هينئر اُن تلاءَ ۾ ٻارهوئي پاڻي رهندو آهي.
پوڏي جي مرڻ کان پوءِ گووندراءَ تخت تي ويٺو. پوڏيسر
جي تلاءَ بابت وڌيڪ احوال اڳتي ايندو.

## سلطان محمود غزنويءَ جو پوڏيسر وٽ ٽڪڻ

سلطان محمود غزنوي، جڏهن سومنات تي ۱۰۲۶ع ۾ فتح
حاصل ڪري واپس غزنويءَ آيو تي، تڏهن پاڻڻ جي راجا
ڀيم ڏيو ۽ اجمير جي راجا ويسرڏيو جي وچ ۾ لڙائيءَ جي
خبر ٻڌي، هن پنهنجو ارادو ٿر مان لنگهڻ جو ڪيو. ڪڇ
جي رڻ مان لشڪر جي ڀُلجي وڃڻ ڪري، ڪين اُڃ تمام
گهڻو هلاڪ ڪيو. آخر، پاڻيءَ جي ڳولا ڪندي، اچي
هڪڙي وڏي تلاءَ وٽ نڪتا. اِهو پوڏيسر جو تلاءُ هو.
محمود پوءِ تلاءَ جي ڪناري تي ٻه ڏينهن منزل انداز رهيو،
۽ نشانيءَ طور آتي هڪڙي ’ڪڙوت‘ تيار ڪرائي ويو،
جنهن کي پوءِ محمود بيگڙي مسجد جي صورت ۾ آندو. ان جو
احوال اڳتي ايندو.

## راڻو چندن

گووندراءَ جي مرڻ بعد، سندس پٽ راڻو چندن تخت
تي ويٺو. راڻو چندن مهاآپڪاري ۽ مـُلڪان ملڪ مشهور
ٿي گذريو آهي، جيڪو مسلسل چوويهه سال آٺميو دان ڏيئي
پوءِ ڏنڊڻ ڪندو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـوڏ نـہ ڪئي هـنـدن، سـمـو نمايو سيس،
ڪروڙ ڏيئي ڏنـدڻ ڪري، چنـدن ورس چووِيس.

ڪاشيءَ جي هڪڙي پنڊت جو نبيرو اڄين جهڙيءَ اڄليءَ نگريءَ کان نہ ٿيو. نہ وري ٻانڊڻ جي راجا کي پرک پيئي. مگر آن پنڊت جو پورو انصاف اسان جي سنڌ جي پياري پاڻي پارڪر جي راڻي چندن ڪيو.

راڻو چندن دان جي پرتگيا کان اڳ ۾ ڪوڙهہ جي موذي مرض ۾ مبتلا هو. ڪوڙهہ جهڙي ننگري بيماريءَ کان نجات نہ ملڻ سبب هو ڪجهہ ڏينهن ڪيرٿي گيا، تعلقي مٺيءَ ۾ وڃي رهيو، جتي مکواڻن جي حڪومت هئي ۽ ڪيسر مکواڻو راڄ ڪندو هو، (ڪيسر مکواڻو، همير سومري سان لڙائي ڪندي مارجي ويو.) هڪ ڏينهن هڪڙو فقير گهمندو ڪيرٿيءَ ۾ آيو، جنهن چيو تہ پوڏيسر جبل جي چوٽي ۾ "الک واو" (يعني گجهو کوهہ) آهي، تنهن مان ڪو پاڻي وٺي اچي ۽ چندن کي غسل ڪرائي تہ ڪوڙهہ ڇڏي وڃي. ويرو گويل، جو چندن جو ساٿي هو، تنهن اهو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو. ويري گويل گهٽيءَ کوجنا بعد الک واو منجهان پاڻي آڻي، چندن کي غسل ڪرايو، تہ چندن بلڪل چڱو ڀلو ٿي ويو.

راڻي چندن، پنياڻي ذات جي، جيسلمير جي مهاراجا جي ڪنيا سان شادي ڪئي هئي، اها پنياڻي هڪ نيڪ ۽ ڌرماتما ناري هئي. جڏهن بہ راڻو چندن ڪيڏانهن ٻاهر ويندو هو تہ هوءَ هڪڙي جوتش وديا جي ڄاڻوءَ برهمڻ کان هر روز پڇا ڪندي هئي تہ 'راڻو هن وقت ڇا ڪندو هوندو؟ برهمڻ ڪيس ٻڌائيندو هو تہ 'راڻو فلاڻي هنڌ فلاڻو ڪم ڪري رهيو آهي، وغيره.' برهمڻ جون ڳالهيون، تجربي جي بناءَ تي، سڀ سچيون نڪرنديون هيون. هڪڙي ڏينهن راڻو چندن ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو، تہ آن جوتشي برهمڻ کي بہ ساڻ وٺي ويو. پنياڻيءَ جڏهن دستور موجب برهمڻ کي طلب ڪيو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائر ڪليل ڪڇهريءَ ۾ چندن-ملائگيريءَ جي سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. نير اها ڳالهه ٻڌي، پنهنجي پاءَ کي سڄاتو ۽ پوءِ ماءُ ۽ پيءُ جي ڳولا ڪرائي، انهن کي به آڻي پاڻ وٽ رهايو. تنهن کان پوءِ سڀ آنند سان خوش گذارڻ لڳا.

ڪِٿ چندن، ڪٿ ملائگيري، ڪِٿ سائر، ڪٿ نير،
جنڌ جڌ وِ پتي پَڙي، سوُسائي گيو سرير.

روايت آهي ته راڻي چندن پنهنجي پياريءَ ۽ ڌرماتما راڻيءَ جي ستي ٿيڻ بعد راج ڇڏي ڏنو، ۽ ڪوڙهه جي بيماريءَ وقت، ڪيرٿيءَ ۾ مڪواڻن وٽ رهيو هو، تن جي ٿوري لاهڻ لاءِ مڪواڻن کي حڪومت لکي ڏني هئائين.

## ڪيرٿيءَ جو ڪيسر مڪواڻو

ڪيرٿي، مٺي تعلقي ۾ چوڏهن ميل ڏکڻ ڏانهن آهي. منجهس بستي راجپوتن جي آهي. اڳي مٺي تعلقي جي ڪڇ رياست ۾ شامل هئڻ ڪري، ڪيرٿي پڻ ڪڇ رياست ۾ هئي. ان ۾ وياس نالي هڪ بهادر سردار رهندو هو. مرڻ مهل، بستري تي ليٽيل وياس جي گهٽيءَ بيقراريءَ ۽ ملولائيءَ کي ڏسي، سندس ننڍي پٽ ڪيسر پڇيو ته 'اي پتاجي، توهان جي دل ۾ ڇو آنڌمانڌ ٿئي ٿي، ۽ من ڇو وياڪُل ۽ تڙڦندو نظر اچي ٿو؟ مهرباني ڪري سموري ماجرا جو کولي بيان ڪريو.' اها ڳالهه ٻڌي، اجل جي وڃڻو آيل وياس چوڻ لڳو ته 'اي پُٽ، سنڌ ۾ منهنجو هڪ دشمن، همير سومرو رهي ٿو، جنهن جي راڄڌانيءَ جي کهڙي ڳالهه ڪجي، نهايت سندر ۽ رمڻيڪ آهي. ان سان لڙائي ڪرڻ جي منوڪامنا پوري ٿي نه سگهي آهي، تنهنڪري منهنجو من وياڪُل ۽ تڙڦي رهيو آهي. اوهان مان ڪو به، همت ۽ طاقت ساري، همير سومري جا سوا سؤ سهڻا گهوڙا چورائي آڻي پنهنجن پاڙن ۾ ورهائيندو، ۽ اهڙو مون کي وچن ڏيندو، ته منهنجو جيءُ شانت ٿيندو.' ان وقت وياس جي اڳيان سندس ڪترا پٽ پوٽا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاڱا پرات ويٺل هئا، مگر ڪنهن کي به همير سومري جي گهوڙن کي هيري اچڻ جي جرات ڪانه ٿي. نيٺ ڀچاڙيءَ جو ڪيسر جهالو، جو سيڻي ڪان ننڍو هو، تنهن ٻيءَ جي اِچا پوري ڪرڻ جي پرتگيا ڪئي ۽ ٻيءَ جي هٿ ۾ پاڻي ڏنو، ته هڪدم وياس جو پراڻ-پکيئڙو پڃري مان آڏامي ويو.

ٿورن ڏينهن بعد ٻيءَ جي ڏنل پرڻ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ڪيسر سنڌ تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. هن پنهنجي عزيزن خويشن کي لڙائيءَ تي هلڻ لاءِ للڪاريو، پر سنڌ هلڻ لاءِ سڀئي پيڙ ڪڍي ويهي رهيا. تڏهن ڪيسر اڪيلو پنهنجي طاقت تي وشواش رکي سنڌ ۾ آيو، ۽ همير جا سوا سؤ گهوڙا چورائي اچي ڀاڻن کي ورهائي ڏنائين. پر همير سومرو عيش ۽ آرام ۾ محو هو، تنهن گهوڙن بابت پڇا ڪاٻه ڪانه ڪئي. تڏهن ٻئي وقت ڪيسر، همير سومري جا سنڌوندي‌ءَ جي ڪناري تي ويٺل ست سؤ سهٺا آٺ چورائي، پنهنجن ڀاڻن کي ورهائي ڏنا. ان وقت به عيش جي نشي ۾ مدهوش سومري ڪاٻه سڌ نه رکي. ٽئين وقت ڪيسر جهالي، امر ڪوٽ تي چڙهائي ڪري، هڪ سؤ ويهه سندر ۽ حسين سوريون آڻي، هڪ-هڪ سومري پنهنجن عزيزن کي ورهائي ڏني. تڏهن عياش سومري ٿوري اک کولي ۽ پنهنجن صلاحڪارن کي ڪيسر ڏانهن موڪليو ته سومريون واپس ڏئي. جواب ۾ ڪيسر چوائي موڪليو ته ”اهي اسان جون استريون ٿي ويون آهن، تنهنڪري سومرين جي پچر ڇڏي ڏئي.“ اهڙي اڏائي جواب ملڻ بعد، ڏهه سال پيا به گذري ويا. تنهن کان پوءِ همير پنهنجي هڪ قاصد کي ڪيسر ڏانهن موڪليو ته ”توسان لڙائي ڪرڻ جي مون کي ڏاڍي خواهش آهي، پر تنهنجو ملڪ ڪڪرن وارو آهي، تنهنڪري لشڪر جي خوراڪ جو ڪهڙو بندوبست ٿي سگهندو؟“ ڪيسر جواب ڏياري موڪليو ته ”خوراڪ جي لاءِ تون فڪر نه ڪر، مان هڪ هزار ايڪڙ ۾ ڪڻڪ پوکايان ٿو،

تنهن سان تنهنجي لشڪر جو گذران چڱيءَ طرح ٿيندو." آخر، هڪ سال ڪان پوءِ، همير سومرو ڪيرتي گڏ تي چڙهائي ڪري آيو. ٻئي ڌريون ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيون. نيٺ همير سومري ڪيسر کي ڪيرائي، سيني ۾ ڪٽاريءَ جو اهڙو ته اونهو گهاءُ ڪيو، جو ارڙهن فوٽ ڪيسر جو جسم زمين تي ڌڪ هيٺ ڪري پيو، ۽ همير جي جيت ٿي. هڪ سؤ ويهه سومريون اگنيءَ ۾ جلي ڀسم ٿيون. ڪيسر جي پٺ هرپال، پاڻ ۾ راجا ڪرڻ وٽ وڃي پناهه ورتي. هرپال، ڪرڻ واگهيلي وٽ رهي، پنهنجي هوشياريءَ ۽ چالاڪيءَ سان ڪيترا دفعا لڙائيءَ ۾ ڪرڻ کي بچايو. هڪڙي ڏينهن ڪرڻ راجا ڪيس چيو ته "تون هڪڙيءَ رات ۾ جيترن ڳوٺن ۾ ڦيري ايندين، اهي سڀ ڳوٺ توکي بخشش ڪيا ويندا." هرپال فقط هڪڙيءَ رات ۾ ٻه هزار ڳوٺ ڦيري آيو، ۽ ڪرڻ کي انجام پٽاندر اهي ڳوٺ هرپال کي ڏيڻا پيا. هرپال پنهنجي راڻيءَ کي وٺي وڃي پال شهر ۾ رهيو- ۽ پوءِ اهو شهر "پال" ضلعو بڻيو.

## ٻرڙيل مڪواڻو

راڻي چندن جي وڃڻ کان پوءِ، ٻرڙيل مڪواڻي اچي پارڪر تي قبضو ڪيو. هن ڳچ وقت تائين بادشاهي ڪئي. تنهن کان پوءِ رتي ڪوٽ کان ميگهه سينڌل وٽ آيو. ميگهه سينڌل چيو ته "بادشاهي پرمارن جي، ۽ ڪائين مڪواڻا!" تنهنڪري هو ٻرڙيل مڪواڻي کي مارڻ جا گهات پيو گهڙيندو هو. هڪڙي ڏينهن هن ڏنراج نالي گونگڙيءَ جي چارڻ سان مڪواڻي کي مارڻ جي صلاح ڪئي. ڏنراج چيو ته "اسان کي سوڍن جا چارڻ لکي ڏيو، ته صلاح سهڻي ڏيانو." ميگهه سينڌل ڏنراج چارڻ جو اهو شرط پورو ڪيو. پوءِ ڏنراج چيو ته "ٻرڙيل مڪواڻو روز سج اڀرڻ کان اڳ ۾ ٻانڌيءَ تي ديويءَ جي پوڄا لاءِ اڪيلو بغير هٿيارن جي وڃي ٿو: اوهين ان وقت

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڙيءَ هيٺان لنگهي، سڌي راج-محل ڏانهن هلي ويئي. ان وقت ميلڻديءَ پنهنجا سهڻا ڍگها وار ماڙيءَ جي دريءَ وٽ سڪائي رهي هئي. پنهنجي ڏير اوڍي جي مرداني سونهن ڏسي، هوءَ سندس عشق ۾ گرفتار ٿي ويئي. بيقراريءَ وچان سڄي رات ڪيس ننڊ ڪانه آئي. صبح جو سج ايرڻ کان اڳ ئي داسيءَ هٿان اوڍي کي پنهنجيءَ ماڙي ۾ اچڻ جي نينڊ موڪليائين. اوڍو، پنهنجي ڀاڀيءَ جو حڪم اکين تي رکي، هڪدم اچي رنگ محل ۾ حاضر ٿيو. راڻيءَ کي سيس نوائي، چيائين: "ماتاجي، پرڻام!" ميلڻدي "ماتا" جو لفظ ٻڌي خفي ٿي، ۽ پوءِ ڏاڍيءَ خوشامد سان اوڍي کي چيائين:

"اوڍا نه ويهه اونهري، هي پلنگ پيو،
آڌي رات آٿ تسان، اوڍو ياد ڪيو."

اوڍي ڀاڀيءَ جي بدليل اکين کي صحيح ڪري ورتو، ۽ جواب ڏنائين:

"هي پلنگ هوتيءَ جو، هو منهنجو ڀاءُ،
تنهن جي تون گهر واري ٿئين اسان جي ماءُ."

پر ميلڻديءَ جي من ۾ اوڍي جي موهه اهڙو مچ مچايو هو جو بي حجابيءَ سان پنهنجي عشق جو اظهار ڪرڻ لڳي:

"چوڏهن ورس ۽ چار، اوڍا، اسان کي ٿيا،
نظر ڪٺي نهار، هيئون نه رهي هيڪلو."

پر اوڍو سچو راجپوت هو، سو پنهنجيءَ ويرنا ۽ سيرت کان هڪ انچ نه سريو ۽ چوڻ لڳو ته "ڀاءُ جي استري ماتا سمان آهي". راڻي غصي ۾ اچي چوڻ لڳي ته "هينئر ئي منهنجي منت ميڃ، نه ته سياڻي هن سرزمين لاءِ سڪندين!" اوڍو چوڻ لڳو ته "پرواهه ناهي. اهڙي ڀاري ڪلنڪ لاءِ پنهنجي جنم ڀومي، ڪيراڪوٽ کي ڇڏڻو پيم ته مون کي سؤ دفعا سويڪار آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنيون لڪيون چار، هوٽل جي هٽڙي:
اوڏا وانچي نهار، اسان اچڻ ايترو.

آون پڪي آڏايان، نه سگهڙ نه پار،
هوٽل هاي پونئري، اوڏا تو جُهار.

اوڏو ۽ هوٽل هميشه لاءِ هڪٻئي جي جدائيءَ ۾ جهرندا رهيا. اونداهيءَ جا ڪارا ڪڪر چانئجي ويا، ۽ سنجوڳ جو سورج ڪڏهن به ڪونه اڀريو.

ساسهين ڏار ڏيوا ٻري، ٻجاي چمڪ پران.
اوڏو اڄ آڻهرو، هوٽل ناهه گهران.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين ونڌ جي نيت هئي. پوءِ جڏهن اسان ڪجهه ڏنو، تڏهن اسان کي وڃڻ جي اجازت ڏنائون.“ انهن ڳالهين مان ثابت آهي ته پارڪر ۾ ان وقت جي سوڍن ۽ کوسن جو عام ڏنڊو اهو ئي هو. هڪڙي ڏينهن سلطان محمود بيگڙي جي والده قافلي سميت اچي پوڏيسر وٽ ٽڪي. سوڍن انهن کان ڪسٽم ورتو، ۽ قافلي کي لٽي ورتو. ڪي چون ٿا ته انهن وٽ پارس مٽي هئي، جا سوڍن ڦري ورتي. بيگڙي جي والده جڏهن احمدآباد پهتي، تڏهن هن سڀ ڳالهه جي سڌ بيگڙي کي ڏني. تڏهن هو ٻيون دفعو، سن ١٥٠٥ع، برابر سنبت ١٥٦٢، برابر هجري ٨٨٠ ۾، پوڏيسر تي ڪاهي آيو. خونخوار لڙائي لڳي، جنهن ۾ ڪيترا سلطان جا ماڻهو ۽ ڪيترا سوڍا مارجي ويا. سلطان جا ماڻهو جيڪي مارجي ويا، تن جون مسجد جي پاسي ڪيتريون قبرون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. پوءِ محمود شاهه هڪ سنگمرمر جي عاليشان مسجد ٺهرائي، جنهن جي ڊيگهه ۽ ويڪر ٽيهه فوٽ آهي. اڏاوت جو اهو نمونو بهترين آهي. اندر فارسيءَ ۾ اکر لکيل آهن: ”محمود شاهه بن مظفر شاهه بن غياث الدين ــــ سن ١٥٠٥ع.“ هيٺ ”سنبت ١٥٦٢“، گجراتيءَ ۾ لکيل آهي، ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهي: ”جيڪڏهن مسجد زخمي ٿي پوي ته وقت جي حاڪم تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته ان کي درست ڪرائي.“

## پيمر ڏيو جو پارڪر تي قبضو

سلطان محمود غزنويءَ جي وفات کان پوءِ، سنڌس پوين جي ڪمزوري ڏسي، راجپوت راجائن وقت بوقت سنڌ ۽ پنجاب تي ڪاهون ڪرڻ شروع ڪيون. غزنوي دؤر وقت دهليءَ تي تومارن، اجمير تي چوهاڻن، قنوج تي راٺوڙن، ۽ گجرات تي واگهيلن جي حڪومت هئي. محمود غزنويءَ کان پوءِ گجرات جي حاڪم پيمر،

پارڪر کان ٿي، ساريءَ سنڌ تي قبضو ڪري ورتو هو. گجراتي "پريم مالا" مان ان بابت ڪي شعر پيش ڪجن ٿا:

ورس شانتي تي سات، ونراج وهيوٽ ڪريو،
ايڪ سان نيرپ سات، ٿيا چاوڙا ونس جا.

چٿهاءِ نيرپ سامنت، نيپٽاو ۽ ريسن هتو،
تنهن کان ايو انت، جئه سيکر جي ونس جو.

رکيو سر پتر تاج، راجا گجر ديش جي،
سولنڪي مولراج، مامي کي ماري ٿيو:

پراڪرمي مولراج، بلونت ۽ بهادر هتو،
تابع ڪريا تاج، ڪڇ ۽ سورٺ تڻا.

سولنڪي ڪل پاڻ، راج وڌايو شور سان،
ڦري تن جي آڻ، آبو سان ريوا سوڌي.

مهاراجا مولراج، پوءِ چار راجا ٿيا،
هليو گجر تاج، ڀيم ديو جي وقت ۾.

غزني جو سلطان، محمود گجرات پر،
ڪرواني حيران، اوچتو آيو چڙهي.

گهڻو ڪري نقصان، آڪٺ دولت لٽي ني،
غزنوي جو سلطان، محمود گيو سوديش عان.

سنيپاريو نج راج، اچي پاٽڻ مان ڀيمي،
پوءِ ڪيو هي ڪاج، سنڌ ديش قبضي ڪريو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيچار پيدائش حاصل ڪندو هو. چون ٿا ته سورت جي هڪ لڪاپت واڙيائي، لکي پائيءَ کان هن نئو هزار رپيا وٺي، پوءِ پتلي جو درشن ڪرايو. آن بعد ستوجيءَ پتلو کڻائي اچي ويراواهه رکيو، جتي ساليانو ميلو لڳائڻ به بند ڪري ڇڏيائين، صرف جيڪو زيارتي وڏي رقم آڇيندو هو، تنهن کي ديدار ڪرايو ويندو هو. آخر پالڻپور جي ڪن شاهوڪار واڻين، تمام وڏي رقم ڏيئي، هن پتلي کي پالڻپور کڻادو، جتي سوئيگام ۽ موروواڙا ۾ ان جي زيارت ڪندا هئا. سوئيگام ۾ پهريون ميلو ١٧٦٦ع ۾ لڳو، ۽ مور واڙ ۾ چار ميلا لڳا- ١٧٧٨ع، ١٧٩٦ع، ١٨١٠ع ۽ ١٨٢٢ع ۾. ٠ وري ١٨٢٤ع ۾ ويراواهه ۾ ميلو لڳو. اهڙيءَ طرح هي پتلو سدائين سوڍن جي قبضي ۾ رهندو آيو. سن ١٨٣٢ع ۾ پونڇو سوڍو سنڌ جي ميرن سان وڙهندي مارجي ويو، ۽ ڪنهن کي به خبر ڪانه هئي ته هن اهو پتلو ڪٿي پوريو آهي. اهڙيءَ طرح چار سؤ چاوڻجاهه ورهين جي گردش کان پوءِ، اهو پتلو هميشه لاءِ گم ٿي ويو.

## ويراواهه جو سوڍو ستوجي

اسان مٿي ذڪر ڪيو آهي ته سوڍو ستوجي، پارسناٿ جو پتلو زوريءَ پاڪاسر ڏانهن کڻائي ويو هو. سوڍي ستوجيءَ اهو هڪ ڪم نه ڪيو آهي، بلڪ اهڙا سوين ڪم ڪيا آهن. ستوجيءَ کي سردار بڻائي، سوڍا ۽ بلوچ ڪڇ، مارواڙ ۽ گجرات ڏانهن زبردست ڌاڙا هڻندا هئا. پارڪر ۾ اڄ ڏينهن تائين پهاڪو آهي: ”ستوجيءَ وارا تارا“ ستوجي ڏينهن جو ماڻهن کي چوندو هو ته ”تارا ڏسو ٿا؟“ ماڻهو ڊپ کان چوندا هئا ”هائو!“ ان تان هيءُ پهاڪو مشهور ٿي ويو آهي.

هڪ دفعي ويراواهه ۾ پنهنجي دربار ۾ سوڍو ستوجي ويٺو هو. آن ڏينهن سنگها تلاءَ جي ڪناري تي شرمالهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺي راجپوتن جو زبردست ڪٽڪ وٺي، پارڪر تي چڙهائي ڪئي. سندس لشڪر ۾ 'ورجانگ' نالي هڪڙو مشهور سردار به شامل هو، جيڪو بهادريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ٻئي طرف، پارڪر جو ٺڪر پنهنجا پهاڙ سمان جوڌا وٺي ٻاهر آيو. آخر جنگ لڳي: پارڪر جي ٺڪر زور سان رڙ ڪئي: ”ڪٿي آهن راڻينگوارو؟ نڪري اچي ميدان ۾ ته پارڪر جو پاڻي چکايانس!“ ڪاٺي ڏڄي ويا. راڻينگوارو هڪ جاءِ تي لمي ويو. پارڪر جي راڪاس جيڏن سورهين جي هٿن ۾ خوفناڪ تلوارون ۽ ڀيانڪ ڀالا ڏسي، ڪاٺين جو هوش اُڏامي ويو. ايتري ۾ پارڪر جي سوڍي وري سڏ ڪيو: ”ڪٿي آهي راڻينگوارو؟ ٻاهر اچي ته ڪيس سنڌ جو سير ڪرايان!“.... ”اچي وڃ، ڀائي! آءٌ آهيان راڻينگوارو!“ ائين چوندو، ورجانگ ڏانڊل سندس مقابلي ۾ اچي ويو. ٻنهي جي وچ ۾ تلوارن جي وارو وار لڳي ويئي. ٻئي ڄڻا گهوڙن ڪان هيٺ ڪري پيا. نيٺ ورجانگ، ٺاڪر تي غالب پيو، ۽ ائين پارڪر تي فتح پائي، هن ڪاٺين جو مان مٿي ڪيو. پارڪر جي سردارن پڻ ڪيو ته ڪاٺين جي ڪنهن به فرد کي جيئرو نه ڇڏيو ويندو، پارڪر جي سردارن ڪيترقدر پنهنجي پرڻ کي پاڻي ڏنو، تنهن جو احوال اڳتي ايندو.

# پارڪر تي سومرن جي حڪومت

جڏهن سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي، تڏهن عمر سومري ٻئي، سن ١٣٥٥ع ۾ امرڪوٽ سوڍن کان هٿ ڪيو، ۽ ١٣٩٠ع تائين حڪومت ڪئي. امرڪوٽ هٿ ڪرڻ بعد هن سڄو ٿر پنهنجي قبضي ۾ ڪيو، ۽ اڳتي هاي پارڪر به پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين. اُتي پنهنجو هڪ صوبو، عبدالرزاق نالي مقرر ڪيائين، جو سنڌس پيٽويو به هو. هن جي ڏينهن ۾ 'عمر ۽ مارئيءَ' جو واقعو ٿيو. مارئي پارڪر جي هئي، تنهنڪري هيٺ ان جو ڪجهه احوال ڏيڻ مناسب ٿيندو.

سيني تاريخ نويسن سومرن کي پرمار راجپوت سڏيو آهي، جن سنڌ تي ساڍا ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي. اڄ تائين پارڪر ۽ ڍاٽ ۾ جيڪي گيت ڳائجن ٿا، تن ۾ به "سوڍو سومرو" ڪري ڳايو وڃي ٿو. سومرن جي حاڪمن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي. سومرا سن ١٣٠٠ع ڌاري مسلمان ٿيا. محمود بيگڙي، ٿر تي ٽي ڪاهون ڪري، سومرن کي مسلمان ڪيو.

(١) سومرو ١٠٥١ع کان ١٠٥٤ع.
(٢) ڀونگر پهريون ١٠٥٤ع – ١٠٦٨ع.
(٣) دودو پهريون ١٠٦٨ع – ١٠٩٢ع.
(٤) سنگهار ١٠٩٢ع – ١١٠٦ع.
(٥) خفيف ١١٠٦ع – ١١٤١ع.
(٦) عمر پهريون ١١٤١ع – ١١٨٠ع.
(٧) دودو ٻيو ١١٨٠ع – ١١٩٣ع.
(٨) پنهون ١١٩٣ع – ١٢٢٦ع.
(٩) گينهرو پهريون ١٢٢٦ع – ١٢٤١ع.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوارين ۾ قوت گهٽي، منگهه ولوڙين مات،
مٽن ڪاريون، هٿن ناريون، سرگهه ڏيو موڙات،
چولا چوڙيلن جا، آهن نونئر نِڪُن سان ناٽ،
پائي ڳچي ڳات، ڪوڙن مرندي مارئي!"

سنڌ جي سرزمين جي هيءَ سدا ملوڪ پدمڻي، عمر جي وحشياني ڪارروائين هوندي به، ست ڪان ڪنهن پر ڪانه سِري. آخرڪار مارئيءَ جو ست ڏسي، عمر ڏيل ۾ ڏري ويو، ۽ مارئيءَ کي ڀيڻ ڪري، مٿي تي پوتي اوڍائي، ڏائجو ڏيئي، سنڌس ملڪ پارڪر پهچائي آيو. اُن جي اڱڻ چوڪ تي چڙهي، مارئيءَ عمر جي انصاف جا ڳُڻ ڳايا. لاکيڻي لطيف شاهه پنائيءَ دنيا کي هن ستيءَ جو پيغام پهچايو:

"جنهن ستيءَ ست نه ڇڏيو، سا مارئي مَرجائي،
اچي عمرڪوٽ ۾، تنهن لڄ نه لجائي،
پيئي بندياڻي بند ۾، ڪونه ڪِنجائي،
جا ساڱين سڳڏائي، سا مُور نه مُڙڪي ماڙئين."

## مارئيءَ جي کُنڀي

ڀالوا ۾، ڏيڍ ميل پنڌ تي اڃا به اهو کوهه موجود آهي، جتي مارئي پنهنجي مال کي پاڻي پيئاريندي هئي. هينئر اهو کوهه ڏنجي ويو آهي. اُن کوهه جو پاڻي تمام کارو هو. عمر ان کوهه تان مارئيءَ کي کنيو هو. کوهه جي پرسان هڪ کُنڀي يا ڪونڊي آهي، جنهن ۾ مارئي پنهنجي مال لاءِ پاڻي رکي ڇڏيندي هئي. اُن جا ٻئي پاسا اڃا تائين سلامت بيٺا آهن. اُن ڪونڊيءَ جي ويڪر چار فوٽ، ڊيگهه ڇهه فوٽ، ۽ اونهائي هڪ فوٽ کن آهي. (مسٽر چنا ان وقت جي ڪليڪٽر، ۱۹۴۶ع ۾ هن کُنڀيءَ جي مرمت ڪرائي هئي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يـتـيـائي آگـم بـاڪيو، جلنـي آمـا جـيـم،
ڪوپ وچـن ڪلياڻ ري، نشچيم لـيـڌا نيم.

[هن ڪلياڻ جي ڪنيا قول ٻائيءَ جيڪي چارڻ ڪي وچن ڏيا، سي ان ڏينهن ڪان نيم رکي، سچا ڪيائين.]

شـام سـڌارڻ مهاستي، جگت ڀلي ڪئي جـوڙ،
ارڌنـگا قـولان آجيلي، ڪهي تـيـترس ڪروڙ.

[پنهنجي پتيءَ کي سڌارڻ واري مهاستي، قولان جي، ڏاڍي تعاليٰ بهترين جوڙ ٺاهي هئي. ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتا ائين چوڻ لڳا ته ”قولان“ رويجيءَ جي ارڌانگني، مونڊري جو ملهائتو موتي هئي.]

---

# پارڪر جا ڪوسا

ڪوسا، بلوچن جي هڪ قوم آهي، جنهن جون ڪيتريون شاخون آهن: جهڙوڪ جماڻي، چڱاڻي، لنڊاڻي، سهرياڻي، جاگراڻي وغيره. ڪوسا ننگرپارڪر، ڪنڀڙي ۽ ساسي ويريءَ ۾ رهندا آهن. هنن جا ماڻهو تمام جنگجو ۽ بهادر هئا. سوڍن سان گڏجي ڌاڙا هڻندا هئا، تنهنڪري ڪوسن ۽ سوڍن جو پاڻ ۾ ڏاڍو سلوڪ هو. سمن کي گجرات کان خوف هوندو هو، تنهنڪري انهن ڪوسن جا چار هزار ڪٽنب گجرات جي بادشاهن جي سامهون ٽيڪ لاءِ ننگرپارڪر ۾ ويهاريا. محمود شاهه بيگڙي جي وقت ۾، انهن ملڪ ۾ ايتريقدر رڻ مچائي ڏنو، جو چار دفعا محمود شاهه بيگڙو پارڪر تي ڪاهي آيو. ڪوسن کي همايون، سون مياڻي جاگير طور ڏني. ميرن جي پهرين چوياريءَ جي دور ۾ جيڪي قبيلا پارڪر ۾ رهندا هئا، تن کي ٽالپري حڪومت کان وظيفا ملندا هئا. ڪلهوڙن جي ظلم کان بيا به ڪي پنج-ڇهه سؤ ڪوسا پارڪر ۾ اچي رهيا هئا، ۽ پونجي سوڍي کي سردار بڻائي، ڪڇ گجرات ڏانهن ڌاڙا هڻندا هئا. سن ١٨٣٢ع جي شروعات ۾ ڪوسن پالنپور جي هڪڙي واپاري قافلي کي اسلامڪوٽ وٽ ڦريو. ان کان سواءِ ڪوسن ۽ واگهيلن گڏجي رحمڪي بازار کي لُٽيو، جنهنڪري انگريزي لشڪر، سنڌ جي سرحد تي چوڪسي رکي. ڪرنل پاٽنجر ڪوسن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪپتان رابرٽ ۽ ڪرنل لچفيلڊ کي فوجون ڏيئي روانو ڪيو. سرجان مالڪوم ان وقت بمبئيءَ جو گورنر هو. ٢٠- آڪٽوبر تي پوني جو لشڪر بمبئيءَ کان روانو ٿيو. ٿرپارڪر جي ضلعي لاءِ خطرو جاڳيو. مير مراد علي خان منشي رحمت الله کي، ڪن بلوچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کي هڪ ڏينهن ساهڻ کنهن ڳالهه تي مهڻو ڏنو. **جڏهن** پونجي کي خبر پيئي، تڏهن هڪڙيءَ رات ٻ واڳڙ جا ست ڳوٺ ڦُري آيو. هڪ دفعي پونجو ٽراد ڏانهن ويو هو ته کي چانڊيا پونجي جي هارين جا ڍور ڪاهي ويا. **پونجي** کي خبر پيئي، تڏهن چانڊين تي ڪاهي پيو. پوءِ ته اهڙو ظلمي ٿي پيو، جو چانڊيو جتي ڏسي، آتي خون ڪري **ڇڏي.** چوڻي آهي:

حمزا هيڪي وار، جي ٻڙين پانٺي پونجل ري،
ٿئي نه آت سوار، گهوڙي نه چڙهي چانڊيو.

سٽيجيءَ کان پوءِ، گوڙي جي مندر وارو پارسنات جو پتلو ٻه پونجي کي هٿ آيو هو. پونجي جو جڏهن سنڌ جي ميون سان تڪرار ٿيو، تڏهن کنهن هنڌ پٽاي کي پوري **ڇڏيائين.** جڏهن پونجو سوڍو ميرن سان وڙهندي مارجي ويو، **تڏهن** کنهن کي به خبر ڪانه پيئي ته پتلو ڪٿي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ سوڍن آڱلنڌو مٿن حملو ڪيو، ۽ آتي جو آتي سڀني عملدارن کي قتل ڪري ڇڏيائون. تڏهن مير مراد علي خان پنهنجو وڏو لشڪر پارڪر تي چاڙهي موڪليو. ڏو ٻه ڏو لڙائي ٿي. سوڍو پونجوجي وڙهندي مارجي ويو. ٻه راڻا قيد ٿيا. ننگرپارڪر جي گادي نشين راڻي جي صغير هئڻ ڪري، مير آتي جي ڪاروبار هلائيندڙ کي سنڌ وٺي ويا، ۽ مکيه راڻن کان ڏنڊ وٺي، کين ڇڏي ڏنائون. پارڪر جي راڻي تي ڏهه هزار ڪوريون، ويراواه جي راڻي تي ٻارهن هزار ڪوريون ڏنڊ وڌو ويو. ويراواه جي راڻي جو ڀاءُ حيدرآباد جيل ۾ مري ويو. ڀهراڻيءَ جي راڻي تي ڏهه هزار رپيا ڏنڊ پيو. ڦيٽاپر جي ٺڪر تي ست سؤ رپيا، ۽ آڏيگام جي سوڍي کيمجيءَ تي پندرهن سؤ ڪوريون ڏنڊ وڌائون. ٽيئي سمورا سوڍا ٽي مهينا نظربند رهيا، ۽ پوءِ ڏنڊ ڏيئي آزاد ٿيا. انهيءَ کان پوءِ ميرن کي ٻنين جي پيدائش جي پنجين پتي ڍل طور ملندي هئي. ١٨٤٣ع ۾ انگريزن جي اچڻ سان ميرن جي پارڪر تان حڪومت ختم ٿي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انگريزن جي پارڪر تي ڪاهه (۱۸۴۲ع)

# ۽ ان تي قبضو (۱۸۴۳ع)

ڪلهوڙن جي وقت، ڪوسا اچي پارڪر ۾ رهيا. سنڌ ن ڏنڊو هو ڌاڙا هڻڻ. پوءِ انهن سان سوڍا شامل ٿيا. انگريز سرڪار بار بار ميرن کي لکيو: پر هو ايڏا خوفناڪ ڌاڙيل بڻجي پيا هئا، جو ميرن کي سولائيءَ سان هٿ اچڻ وارا نه هئا. تڏهن انگريز سرڪار، ۱- نومبر ۱۸۳۲ع ۾، ننگر پارڪر تي لشڪر چاڙهي موڪليو. آن وقت ننگرپارڪر جو راڻو جگوجي هو. لشڪر جي اچڻ جو ٻُڌي، هو ڀڄي ويو. ويراواهه جو راڻو انگريزن جي فائدي ۾ هو، ۽ انگريزن سان ڪوبه مقابلو نه ڪيائين. جگوجيءَ جي جاءِ تي راڻي ڪرڻ کي ويهاريو ويو ۽ کيس ڌاڙيلن تي نظرداري رکڻ جي هدايت ڪئي ويئي. سوڍو جگوجي، ميرن جي هٿ آيو، تن کيس گرفتار ڪري انگريزن وٽ موڪلي ڏنو. انگريزن آن کي ڪجهه وقت ڪڇ ۾ قيد ڪري رکيو، ۽ آخر پوڌيسر جو راڻو مقرر ڪيو. سن ۱۸۳۳ع کان ۱۸۴۳ع تائين ميرن جو ضابطو پارڪر مٿان رهيو، ۽ باقاعدي ڍل پڻ اگاڙيندا هئا. ميرن ٿر ۾ قلعا ٺهرايا، جن ۾ سنڌن پاران ڪاردار رهندا هئا. پر پارڪر ۾ ڪوبه قلعو ڪونه ٺهرايائون.

جڏهن انگريزن ۱۸۴۳ع ۾ ميرن کان سنڌ ورتي، تڏهن ملڪ ۾ جتي ڪٿي گوڙ ٿي پيو. خاص ڪري ٿر ۽ پارڪر وارن راڻن سنڌيءَ طرح آڻ نٿي مڃي، تنهنڪري گورنمينٽ سهولت خاطر پنهنجا عملدار ڌار ڌار هنڌن تي مقرر ڪيا، ۽ پارڪر واري پاڳي تي پهريون ايجنٽ ڪئپٽن اسٽئناي ريڪس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو، پيو ايجنٽ تروٽ صاحب آيو، جو سن ١٨٤٦ع کان ١٨٧١ع تائين رهيو. تروٽ صاحب، ١٨٥٦ع ۾، پارڪر کي حيدرآباد ضلعي سان لڳائي ڇڏيو. تروٽ صاحب کان پوءِ مسٽر پالن آيو، تنهن ننگرپارڪر ۾ بازار ٺهرائي. اڄ تائين ان بازار کي ”پالن بازار“ ڪري ڇئبو آهي.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ننگرپارڪر ۾ بغاوت (۱۸۵۹ع)

انگريزن جو ملڪ تي پورو پورو ضابطو ٿيندو پئي ويو، ۽ سيني راجائن توڙي رعيت کي، ڪن کي دٻاءَ سان ۽ ڪن باغين کي پنهنجي پٺيءَ پاليسي رستي جاگيرون ڏيئي، آڻ مڃائيندا رهيا. تنهن هوندي به پارڪر جا سوڍا زور هئا. هو اڃا تائين پاڻ کي خودمختار سڏائڻ لڳا، ۽ هرڪنهن ڳالهه ۾ انگريزن جو دخل برداشت نٿي ڪري سگهيا. ميرن جي سنَد موجب، پارڪر جو رائو ڪرڻجي، سوراچند ۽ راڻپور ڳوٺن توڙي ننگرپارڪر شهر جي اڌ ڏيوڻيءَ ۽ پارڪر جي ڏرانس ڏيوڻيءَ جو حقدار هو. ويراواهه جي سوڍي کي ويراواهه ڳوٺ، معافي مليل هو، ۽ پڻ موڪئي رڻ جي پيدائش به ملندي هيس. ڪيس اڌ شهري محصول ۽ پنهنجي علائقي جي آباد ٿيل ڊل جو چوٿون حصو به ملندو هو. سرچارلس نيپئر، ۱۵- آڪٽوبر ۱۸۴۴ع ۽ مئي ۱۸۴۷ع ۾، پنهي جاگيردارن جون سنَدون ستن سالن تائين قائم ٺهرايون، ۽ ملندڙ ڊل جو اڌ ڪاٽي ڇڏيو. رائي جي پرڌان، آڪمالديو، کي موڪرئي جو ڳوٺ به سنَد موجب مليل هو. مٿين ٽنهي ۽ ٻين سوڍن کي جيڪي ملندڙ حق هئا، اُهي انگريز سرڪار ختم ڪري ڇڏيا. ٻنهين توڙي خاص حقن جي آڳاڙڻ جي ٽڪرن کي ٻندش ڪانه هئي. انهن ناجائز طور چراڻيءَ ۽ پيا ٽئڪس به وصول پئي ڪيا. پارڪر جو ڀاڱو ۱۸۵۶ع ۾ ڪمشنر جي حوالي ڪيو ويو، جو اڳي تروٽ صاحب پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ جي ماتحت هو. ڪمشنر حيدرآباد کان پنهنجو ڪاردار موڪليو، ۽ روينيو سروي چالو ڪئي. چراگاهه جو ٽئڪس به هاڻ حڪومت پنهنجي حوالي ڪيو. آفيم تي ليسن وڌو ويو، جو اڳي سوڍا غير قانوني آفيم آڻي وڪرو ڪندا هئا ۽ ان ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ روانو ٿيو، ۽ اسلام ڪوٽ وٽ اڳيئي موڪليل فوج کي وڃي رسيو، ۽ آتي ٿر جو ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ سپرنٽينڊنٽ به اچي مليا. ڏيسا فوج جا اڳيان ۾ ننگرپارڪر پهتي هئي، تنهن تي سوڍن پهرين حملو ڪيو، ۽ اُنهن جواب ۾ توبزني ڪئي، جنهن جا ڌڪاءَ ڪرنل ايونس پنجاهه ميل پري پئي ٻُڌا. هئو ٢- مئي ١٨٥٩ع جو ويرا واهه پهتو، ته سڄو شهر خالي هو. ٻئي ڏينهن پوڊيسر پهتو، جتي ان کي پوڊيسر جا سوڍا مليا. ٣- مئي تي سيني فوجن جو سخت مقابلو ٿيو. ڪارونجهر جبل ۾ راڻي چندن جو ٺهرايل چندن گڍ توبن آڏائي چڙهيو، تنهنڪري حملو آور سوڍا ڇڙوڇڙ ٿي ويا، ڪي مارواڙ ويا ته ڪي ڪارونجهر جبل ۾ لڪي ويا. انگريزن شهر تي قبضو ڪيو، ۽ راڻي ڪرڻ ۽ لاڌوسنگهه کي گرفتار ڪيائون. ان طرح گوڙ بند ٿيو.

پوءِ ڪرنل ايونس، پوڊيسر جي ڌڪرن کي ساڻ ڪري، پين سوڍن کي ڏبائڻ ڪاڻ روانو ٿيو، ۽ چاهٺ ميل پري، ڪجرڙالو ۾، باغين جي ڪئمپ تي حملو ڪيائين. سوڍا ڪي مارجي ويا، ۽ ڪي پڄي ويا. ساري مارواڙ ۾ انهن جي ڳولا ٿي. ڪرنل ايونس، ايجنٽ گورنر جنرل راجپوتانا کي پارت ڪري، واپس ننگرپارڪر روانو ٿيو. ان وقت لاڌوسنگهه جو پٽ آڏيسنگهه پاهر ويل هو. وات تي راٺيواڙي ڳوٺ ۾ ڊول وڄي رهيو هو، آتي سندس گهوڙي نچڻ لڳي. تڏهن ڪنهن ڪولهيءَ چيو ته ”پاڻ هتي پيو گهوڙيون نچائي، ۽ پٽس جيل ۾ پيو آهي!“ اهو ٻڌي آڏيسنگهه باهه ٿي ويو، ۽ هڪدم ماڻهو گڏ ڪري، جيل جو دروازو پڃي، سيني کي آزاد ڪرايائين. پوءِ پنهنجي سر بندوق کڻي، تروٽ جي ٿنبوءَ ڏانهن ڪاهي ويو. تورو پنڌ ويو ته جوش ۾ ڀرجي ويو، ۽ وٺي بندوق جا فائر ڪيائين. تنهنڪري تروٽ پڄي، هڪ مينگهواڙ لاڌوءَ جي گهر، چم جي چوڙن ۾ وڃي لڪو:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوري گرورَ گجيو، جنهن ڪ مچائي رڻ جنگ،
لڙيو سات ڪلياڻ رو، آوئان راجپوتانان رنگ.

رنگ ڪلا رنگ مهاسينگا، رنگ هو سپ رهاڻ،
رنگ ڪارونجهر را ڪونگرا، رنگ سوڍا راڻ.

وِجو ڏاڍو ويرَ وَر، ڀوجل نندو ڀُوپ،
ڪنڪا سان رنڪا ڪريا، رنگ ڪلا ڪُل روپ.

ڪاي چڙهي هوڪو ڪري، باجي هاڪ ويراڻ،
گاي ئي ڀر تروٽ گيو، ميل فرنگي ساڻ.

ڀورا ڏر ڀانجي، گانجي پرتشٽان جيت،
مهيتپت ڪڙنگ مانجي، پارڪر رڻ پريت.

چندن گڏ نچاور ٿيو، جوڌي مچايو جنگ،
لڙيو سات ’ڪيرڻ‘ جي رو، ان راجپوتانان رنگ.

---

# سوڍن ڪي جاگيرون

انگريزن چالاڪي ڪري باغي سوڍن کي جاگيرون ۾ انعام ڏنا، تنهنڪري هو خوش ٿي ماٺ ڪري ويهي رهيا.

(۱) پوڏيسر جاگير: هيءَ فرسٽ ڪلاس جاگير، ڇهه هزار ايڪڙ، ڪرنل ايونس جي زوردار سفارش سان ملي.

(۲) ويرا واهه جاگير: هيءَ سيڪنڊ ڪلاس جاگير، ڇهه هزار ايڪڙ، سامتسنگهه کي ملي، ۽ ارڙهن سؤ پنج رپيا عيوضو پڻ مليو. سندس پٽ امر سنگهه بنا اولاد هو، تنهنڪري سندس پٽنيءَ ايم سنگهه کي گود جو پٽ ڪيو هو. جلد ئي اها پٽياڻي سرڳواس ٿي، تنهنڪري جاگير سرڪار پنهنجي حوالي ڪئي. ايم سنگهه اپيل ڪئي ته جاگير واري زمين قبولي طور مون کي ملي ۽ آباد ٿيل زمين جي مان ڊل پرينڊس. انهيءَ تي موروثي هارين اعتراض ورتو. سرڪار موروثي هارين وارا نمبر هارين کي ڏنا، ۽ ٻي جاگير ايم سنگهه کي قبولي ٿي ملي.

(۳) راڻپور جاگير: ٽي هزار ايڪڙ زمين ۽ ٻه هزار هڪ سؤ اٺونجاهه رپيا روڪڙا مليا. اها جاگير هينئر اچلسنگهه جي حوالي آهي.

(۴) ڦيٽاپر جاگير: اها ٻه هزار ايڪڙ ڦول باپئيءَ کي ملي هئي.

(۵) ڏنيگاڻو: موندرو، ڪارڙيو، ڪاسبو، آڏيگام وغيره ڳوٺن ۾ ٻه سوڍن کي ڪي ٿورا نمبر معافي آهن.

## مکيه شهر

### ننگر پارڪر

ڪارونجهر جبل جي هنج ۾، ۲۱-۲۴ اتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ ۷۰-۴ اوير ويڪرائي ڦاڪ ۾، هي مشهور شهر سوڍي آسراءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿرپارڪر ۾ رهندڙ قومون

ٿرپارڪر ۾ ٻه هندو رهن ٿا، ۽ مسلمان ٻه۰ ١٩٤٧ع جي لڏ پلاڻ ۾ ٿرپارڪر، ويراواهه، ڇاڇرو، ڪاسبي ۽ آڏيگام مان ڪي لوهاڻا پارت هليا ويا آهن.

مسلمانن جون هيٺيون ذاتيون رهن ٿيون:

سيد — هي ورڻهاريو ۽ قابل شاهه ۾ رهن ٿا. ڪوسا — ٿرپارڪر، ساسي ويري ۽ ڪبڙي ۾ رهن ٿا. سما — ڏيپي ۾ رهن ٿا. چانڊيا — سوندرو، ڀورلي چانڊيا، هستڙو ۽ ٻين ڳوٺن ۾ رهن ٿا. ساند — پيپلو، پٿاريو، ساهو ساند، وغيره ڳوٺن ۾ رهندڙ آهن. خاصخيلي — ڀالوا، رتنياري وغيره ڳوٺن ۾ رهن ٿا. تعلقي ۾ مسلمانن جون ٻيون به هيٺيون ذاتيون رهندڙ آهن: آتر، سومرا، ڪوڪر، رند، نهڙي، راهما، شيدي، حجام، ڪنڀار، مڱڻهار، لنگها، منگريا، انڍا، جوڻيجا، سنگراسي، هاليپوٽا، سميجا، راڄڙ، جيسر، ڀٽي، جهنجي، ٽيٻا، ڏيتا، ديدار، اوٺا، چنا، ڪيريا، ڏوهٽ، ڪيلهڻ، ڳچڙ وغيره.

هندن جون هيٺيون ذاتيون رهندڙ آهن: شرمالهي برهمڻ، راجگر برهمڻ، سارسوت برهمڻ، جين، لوهاڻا، راجپوت، رٻاري، سونهڙ، چارڻ، جاٽ، مالهي، سونارا، کٽي، نائي، سامي، لوهار ٻجير وغيره.

اڇوتن جون هيٺيون ذاتيون رهندڙ آهن: ميگهواڙ، ڀيل، ڪولهي ۽ ٻنگي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پارڪر جا ڪولهي

ڪولهي اصل گجرات، واگڙ ۽ ڪڇ کان آيا هئا. سوڍن جي حڪومت ۾ نوليون ڪري ڌاڙا هڻندا هئا. سوڍن جي نيلات راڻي وٽ خاص لشڪر به ڪولهين جو هوندو هو. ڪولهي تمام بهادر مشهور هئا ۽ ڪاتي ۽ تير هلائڻ جا ماهر هئا، ٺٺهنڪري راڻا هرڪا جنگ جيتي ايندا هئا. ڪولهي وفادار قوم آهن. انگريزن جي چڙهائيءَ وقت، جيئن اڳي ذڪر ڪيو ويو، روپلي ڪولهي جي هٿن جي ترين ۾ تيل وجهي، ونيون ٺاهي، ڏيئا ٻاريا ويا. پر وفادار ڪولهيءَ تڏهن به فرنگين کي پنهنجي راڻي جو ڏس نه ڏنو. گهر ۾ جيڪڏهن ڏاڻ جي لپ هوندين، ته آيل مهمان کي کارائي ڇڏيندا ۽ پاڻ ٻچن سميت لنگهڻ سمهي رهندا.

چون ٿا ته اڳئين وقت راڙڪوٽ ۾ هڪ ڪولهي، شاهوڪار ۽ ستا وارو هوندو هو. ونس هڪڙو ٻلو آٽ هو، جنهن جي ڪنڌ ۾ سوني سنگهر وجهي، هو آٽ ٻنا ڏاڻ جي ڇڏي ڏيندو هو. ڪيترن ماڻهن وٽان ننگر پارڪر جي راڻي کي آنهيءَ ڪولهي بنسبت ڏانهون پهتيون ته آٽ اسان جون ٻنيون کائي ٿو. هڪ دفعي آن راڻي جو ٻاڏيچ واگڙ کان آيل هو. ٻئي ڄڻا ڪچهريءَ ۾ ويٺا هئا ته انبوهه ماڻهن جو ڏانهن کڻي آيو. راڻي پنهنجي ٻاڏيچ کي اشارو ڏنو ته هو آٽ جهلي، گم ڪري ڇڏي. ٻئي ڏينهن هو آٽ ڪاهي، واگڙ وٺي ويو. جڏهن ڪولهيءَ کي سڌ ملي، تڏهن وڏو ڏنبلو وٺي واگڙ طرف ڪاهي ويو. راڻي جي ٻاڏيچ کي اها خبر پيئي، تڏهن هندو رسم مطابق ساسيو ڪري ساڀهون آيو، چيائين ته "ماما، اسان هن ڪري اوهان جو آٽ آندو ته اوهين ڪڏهن هن طرف نٿا اچو،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو هن ٻهاني سان سن اسان جي ڳوٺ ۾ اچڻ ٿئيو!" اها ڳالهه ٻڌي، ڪولهيءَ ساميي ۾ مست سؤ ڪوريون وٺنديون ۽ ڀاٽيج کي آهو آٿ بخشش ڪري ڇڏيو.

رفتي رفتي هيءَ قوم غربت ۾ گرفتار ٿيندي ويئي، ۽ هن وفادار، ۽ بهادر قوم جي غربت ۽ اڻوڄهائيءَ جو ناجائز فائدو وٺي، ان کي هميشه لاءِ ذلت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ويو. هينئر انهن ۾ ڪافي سجاڳي آئي آهي، تڏهن بہ بي عاميءَ سببان وڏي طبقي جي غلاميءَ ۾ جڪڙيل آهي.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعليم

”علم بنا آدمي، آهي پسوءَ سمان.“ جنهن قوم ۾ علم جي روشني نه آهي، سا آهستي آهستي صفحهء هستي تان نابود ٿي ويجي ٿي. علم جهڙي اڪيڪ خزاني سان جا قوم مالا مال آهي، سا سدائين آسودي ۽ سُکي هوندي. اهو ملڪ خوشقسمت چئبو، جنهن جو هر فرد تعليم جي دولت جو ڏٽي هجي. ٿرپارڪر ضلعي ۾ ننگرپارڪر تعلقو ئي آهي، جو علم ۾ سڀني کان پُٺتي پيل آهي. سڄي تعلقي ۾ پهرين ٽي-چار پرائمري اسڪول هوندا هئا. جتي گجراتي سيکاري ويندي هئي، تنهن کان پوءِ گجراتي بند ڪري، سنڌي شروع ڪئي ويئي. ان کان پوءِ، ١٩٥٤ع کان اڳ تائين، وڏي ٻارهن اسڪول ٿيا. ١٩٤٧ع کان اڳ، سڄي تعلقي ۾ هڪڙو ئي مڊل اسڪول هو، سو به ١٩٤٧ع جي لڏپلاڻ بعد بند ٿي ويو، ۽ انگلش ڪلاس کليو. ١٩٥٤ع ۾ سنڌ وزارت جي تعليمي اسڪيم هيٺ، ننگرپارڪر تعلقي ۾ نووي تعليم رائج ٿي. هن وقت، لازمي تعليم هيٺ هئڻ ڪري، تعلقي ۾ سؤ کن پرائمري اسڪول آهن. ١٩٥٦ع ۾ مير محمدبخش خان لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ هو، جنهن ڪوشش وٺي ننگرپارڪر ۾ مڊل اسڪول کولايو. هن وقت به صرف ننگر ۾ ئي مڊل اسڪول آهي. ڪجهه وقت ٻلهاريءَ ۾ انگلش ڪلاس هو، پر هاڻي بند ٿي ويو آهي. اڳي ننگرپارڪر ۾ زنانو پرائمري اسڪول هو، سو به هاڻ بند ٿي ويو آهي. لازمي تعليم سبب اسڪولن جي تعداد وڌڻ ڪري. هن وقت ننگرپارڪر تعلقي ۾ اٽڪل سادا ٽي هزار ٻار تعليم پرائي رهيا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻولي

پارڪر ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، تنهن کي ”پارڪري ٻولي“ چئبو آهي، جا بگڙيل گجراتي آهي. ڪولهين جو لهجو سڀني کان نرالو آهي. ٿر ۾ وري ”ڍاٽڪي“ ڳالهائي وڃي ٿي. ڪن هنڌين هندو ۽ مسلمان ساڳئي نموني جي ڍاٽڪي ڳالهائيندا آهن. ٻروچ ۽ سما عام سنڌي ڳالهائيندا آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پارڪر جا گيت

پارڪر جا گيت دل لُڀائيندڙ ۽ روح کي راحت ڏيندڙ آهن. زالون شاديءَ جي وقت ۽ ٻين خوشيءَ جي موقعن تي گڏجي ڳائينديون آهن. نموني طور، هڪڙو گيت هيٺ ڏجي ٿو.

هڪڙيءَ سس پنهنجيءَ نُنهن کي، مڙس جي غير حاضريءَ ۾ ماري ختم ڪري ڇڏيو آهي، مڙس جڏهن پرديس ڪمائي موٽي اچي ٿو، ته ماءُ کان پنهنجيءَ زال جي پڇا ٿو ڪري: گيت ۾ ماءُ ۽ پٽ جا ان بابت سوال ۽ جواب ڏنل آهن.

ماڙي، ٻارهن ورس آويو — ماڙي، نه ڏسي پاتلي پرمار ري،

جاڙيجي مان:

ٻاپيو ٻوليو، ڪانڙ ري ڪيجڙي.

[اي امڙ، آءٌ ٻارهن سالن کان پوءِ آيو آهيان، پر هوءَ ڪٿي به نظر نٿي اچي، پرمار راجپوتن جي ڌيءَ، جاڙيجن راجپوتن جي ڪنيا. ڪانڙ جي وڻ تي پپيو ٻولي ٿو!]

ٻيٽا، ايهن پاٿي ٻهوُ گئي — ٻيٽا، چونوڙو ڏيور سات:

ٻاپيو ٻوليو، ڪانڙ ري ڪيجڙي.

[پٽ، ڪنوار ته پاڻي ڀرڻ ويئي آهي، ساڻ ننڍو ڏيـر به اٿس. ڪانڙ جي وڻ تي پپيو ٻولي ٿو.]

ماڙي، جل ٿل سب ديکيا، پڻ نهين ديکي پاتلي پرمار ري،

جاڙيجي مان:

[اي اما، آءٌ کوهہ ۽ تلاءَ سڀ ڏسي آيو آهيان، پر هوءَ ڪٿي به نظر نٿي اچي، پرمارن جي پُٽاڻي ڌيءَ ......]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڪرا، پيئي ويس ني هيار چوڙيئي، ڏلئا ڏري آوسي،
پاپيو پوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[پٽ، ويهه هٿيار لاهه، هوءَ آن ڏرڻ ويئي آهي، اِجها
آئي ڪي آئي!]
ماڙي، گهنٽيون ني رئڙا جوئي رهيو، ماڙي نه ديکي
پاتلي پرمار ري،
جاڙيجي ماں:
پاپيو پوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[امڙ، سڀ چڪيون ڏسي آيو آهيان، پر هوءَ ڪٿي به
نظر نه آئي، پرمارن جي پوپري جاڙيجن جي چٽيل.]
ڏيڪرا، پيس هٿيار چوڙيئي، ڪليا ڪنور، ويس ڏوڪ
ني آوسي ري،
پاپيو پوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[منهنجا پيارا ڪنور، هٿيار چوڙي آرام ڪر، تنهنجي
ڪنوار ڪپڙا ڌوئڻ ويئي آهي، جاڻ ته آئي.]
ماڙي، نديون نالا جوئي ديکي ري، ماڙي نهين ڏيءَ
پاتلي پرمار ري،
جاڙيجي ماں:
پاپيو پوليو، ڪائڙري ڪيجڙي.
[اي اماں، سڀ نديون نهاريم، پر هوءَ ڪٿي نظر نه آئي:
آها پرمارن جي پياري ڏيءَ، جاڙيجن جي جوانڙي.]
اينا پچڪا ماں ڪوري باندني ري، اي باندني ديکڻ ني
بادر هاوري،
اي گوجارن ماں.
انهلو ورڪ سوڪي گيو ري.

هن بجڪيءَ ۾ سندس نئين ساڙهي پيئي آهي. سندس
ساڙهي ڏسي، دل ني گهريم ته ساڏو بڻجي وڃان. او هٿياري
اماں، اڱڻ ۾ انب جو وڻ سڪي ويو!]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ننگر پارڪر تعلقي جو شعر

ساڻيون ڪوراڻيون تان، وٿاڻي آيون ڙي،
تاڃي ڏوجهاري ڏسڪا پري ڙي:
جاني ڙا، وَهيلو وري آءُ!

سَتَ تان سهيليون، پاڻي ڙي گيون ڙي،
تاڃي هانجرَ آنسوُڙا هاري ڙي:
جاني ڙا، وَهيلو وري آءُ!

سائو تان سارون ڙو، وينڻي رهيو ڙي،
تاڃي وڇوڙي ۾ ويراڳڻ ڦران ڙي:
جاني ڙا، وَهيلو وري آءُ!

پيجي ڪو سهيلين، نيچ ڪو رکي ڙي،
تاڃي مرگهه نيڻي ميلي ويس ڙي:
جاني ڙا، وَهيلو وري آءُ!

ڪنوڻ ري ڪڙڪي، مانجي ڇاتي ڪو ڌڙڪي،
چوماسو تڪڙو جائي ڙي:
جاني ڙا، وَهيلو وري آءُ!

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تعلقي ننگرپارڪر جي آدمشماري

| مسلمان | هندو | اڇوت | جوڙ |
|---|---|---|---|
| ٢٠٥٧٧ | ٩٤١٤ | ٣١٢٠٣ | ٦١١٩٤ |

| تعلقي ننگرپارڪر ۾ ڳوٺن جو تعداد | اهڙا ڳوٺ جن جي آدمشماري هڪ هزار کان مٿي آهي | جن جي آدمشماري پنج سؤ جي درميان آهي | جن جي آدمشماري ٻه سؤ ۽ پنج سؤ جي درميان آهي | جن جي آدمشماري هڪ سؤ ۽ ٻه سؤ درميان آهي | جن جي آدمشماري هڪ سؤ کان گهٽ آهي |
|---|---|---|---|---|---|
| ٣٥٦ | ٢ | ١٢ | ٩٢ | ٩٤ | ١٥٦ |

تعلقي ننگرپارڪر جي ايراضي ٢٠٠٨/١٥ ميل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿر پارڪر، ٿوڙي پارڪر، سنڌ جو اهڙو علائقو آهي، جتي زندگي ڏاڍي ڏکي آهي.

پارڪر چؤطرف ٿر جي ريگستان ۽ ڪڇ جي رڻ جي وچ ۾ ڦاٿو پيو آهي. آباديءَ جي ڪا صورت نظرئي ڪانہ ٿي اچي. پر، تاريخ جي اڳوڻن قصن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن سمي اتي ڏاڍي وڏراهہ هئي. هاڪڙو درياءُ وهندو هو. بندر بازاريون هونديون هيون. قدرتي نظام سبب درياءُ سڪي ويو. وڻ سڪي ناپيد ٿي ويا. چوڏاري رائو، رُڃ ۽ سُڃ. پر، ڪنهن زماني ۾ سعودي عرب جي خود اها حالت هوندي هئي، هاڻي جو اتي پيٽرول لڌو آهي تہ ساڳيو سعودي عرب دنيا جو ”سڀ کان شاهوڪار ملڪ“ ٿي پيو آهي.

پارڪر ۽ ٿرپارڪر ۾ پيٽرول اڃا ڪونہ لڌو آهي. پر، اتي ڪوئلي جا وڏا ذخيرا مليا آهن ۽ چون ٿا تہ نهايت اعليٰ درجي جو ڪوئلو آهي. نہ رڳو اينترو، پر ڪي ڌاتو بہ مليا آهن. غالباً انهن ۾ ٽامو بہ شامل آهي. سو، جيڪڏهن جديد سائنسي علمن جي روشنيءَ ۾ پارڪر ۽ ٿرپارڪر ۾ تحقيق ڪبي تہ اهڙا قدرتي ذريعا دريافت ٿيندا، جيڪي هن خطي کي نهايت زرخيز علائقو ثابت ڪندا. پر، جي پارڪر ۽ ٿرپارڪر جي ماڻهن کي انهن قدرتي ذريعن کان محروم ڪيو ويو ۽ اهي قدرتي خزانا بہ اجنبين جي ور چڙهي ويا، تہ پارڪر جي ماڻهن جي زندگي اُهائي ڏک ۽ بک ۾ گذرندي.

**– غلام رباني آگرو**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ڀاڙي، ڪاڻو، ڀاڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پڄاڻان وڏِ
کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻچاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

The Reading Generation پڙهندڙ نَسُل . پ ن

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book